گني بساءُ
ڪيئن آزاد ٿيو؟

يوسف سنڌي



گني بسائو ڪيئن آزاد ٿيو؟

سچائي اشاعت گهر دڙو

سچائي اشاعت گهر جو ڪتاب نمبر **سترهون**

ڇپائيندڙ :	سچائي اشاعت گهر، دڙو
ڇپيندڙ :	ايم - خان پرنٽنگ پريس گاڏي کاتو حيدرآباد سنڌ .
مهينو ۽ سال:	سيپٽمبر 1989ع
ڪيليگرافي:	هرجي لال
ڇاپو :	پهريون

ملهه : [illegible]-00 رپيا

نوٽ: صفحي نمبر ١٨ جي سٽ نمبر ١٢ کي درست ڪري هيئن پڙهيو وڃي. ”.... پورچوگال کي ستر هزار فوج انگولا ۾، ستر هزار موزمبيق ۽ پنجتيهه هزار گني بساؤ ۾....“

پنهنجي ٻاران....

گذريل چاليهن ٻائيتاليهن سالن دوران اسان سنڌين سان جيڪو وهيو واپريو آهي، اهو هاڻي ڪنهن کان ڳجهو ناهي رهيو. هر دور ۾، هر ايندڙ حڪمران سنڌين سان جيڪي عقوبتون ڪيون آهن سي تاريخ جو المناڪ باب بڻجي چڪيون آهن. گذريل چاليهن ٻائيتاليهن سالن دوران سنڌي قوم پنهنجي اقتصادي، سماجي ۽ ثقافتي آجاڻپ لاءِ مختلف وقتن تي ننڍيون وڏيون جدوجهدون پڻ ڪيون آهن. ڪڏهن ته انهن جدوجهدن جا مثبت نتيجا به نڪتا آهن ته ڪڏهن پنهنجن طرفان ڌارين سان ساز باز ڪري، قومي تحريڪ کي ڪاپاري ڌڪ هنيا ويا آهن. ڪنهن وقت ته ايئن به ٿيو آهي جو هڪ ٻن سياستدانن ۽ دانشورن کي ڇڏي ڪري باقي سمورا سياستدان، دانشور ۽ اديب حڪمرانن سان ملي مختلف قسمن جا فائدا وٺي، قوم کي نڌڻڪو ۽ رڻ واهي ڪري پنهنجا پيٽ پيرڻ ۾ رڌجي ويا.

پر گذريل يارهن سالن جي آمريت، جنهن پاڪستان ۾ رهندڙ پنجن قومن جا 'سند سڪايا'، اُتي سنڌي قوم لاءِ ڪربلا برپا ڪري ڇڏيائين. ڪئين ڪونڌر ڪٺا ويا، اجتماعي توڙي انفرادي قتل عام ڪيو ويو. سنڌ جو شايد ئي ڪو اهڙو ڳوٺ يا شهر بچيو هجي جنهن لاش نه ڏٺو هجي يا اهو متاثر نه ٿيو هجي. انهن يارهن سالن ۾ اسان جي اڳواڻن ڇڙوڇڙ ٿي ڪجهه

نئيون نئيون جدوجهدون ته ڪيون/ ڪرايون، پر عملي طرح سنڌ لاءِ اهو ڪجهه ڪري نه سگهيا جنهن جي منجهائن توقع هئي، فقط ايترو به ڪري نه سگهيا جو گڏجي آمريت لاءِ ڪو موقف واضح ڪري سگهن. الٽو هڪ ٻئي تي الزامن هڻڻ، ڪتابڙا لکڻ ۽ فلاڻي کي فلاڻي جو ايجنٽ سڏڻ ۾ هڪ ٻئي کان اڳرا هئا.

پوءِ جڏهن اتحاد جي ڳالهه هلي ته، به عجيب صورتحال ڏسڻ ۾ آئي. اتحاد، اتحاد ڪري اصل ساٿا تي پيا ۽ ان بهاني هڪ ٻئي تي هڪڙي گار لاٿائون ٿي ته ٻي چاڙهيائون ٿي. پوءِ جڏهن ڳالهه ”سنڌي عوام جي قومي اتحاد“ کان ”سنڌ قومي اتحاد“ تائين پهتي ته ماڻهن عجيب ملاڪڙو ڏٺو، هر ڏر رات وچ ۾ ڪيتريون ئي ڪاغذي تنظيمون ناهي اڳيان آنديون. هڪ هڪ پارٽيءَ جا ڏهه ڏهه ذيلي فرنٽ. اهي ماڻهو جيڪي ابن ڏاڏن کان سنڌ سان بيوفايون ڪندا پي آيا، ڌارين جا دلال ٿي رهيا، سي به اچي اتحاد ۾ ويٺا. ٿيڻ ته ايئن گهربو هو جو اتحاد فقط پارٽين ۾ ٿئي ها. سنڌ ۾ جيڪي به اٺ ڏهه پارٽيون هيون، تن جا اڳواڻ گڏجي ويهن ها ۽ پيو نه، ته به ايم. آر. ڊي ٽائيپ ڪو اتحاد ناهين ها. پر هتي خلوص ته هو ئي ڪونه، رڳو اڳواڻيءَ جو چڪر هو، چون ٿا ته ان اتحاد ۾ ٥٠ کان وڌيڪ پارٽيون ۽ تنظيمون آيون هيون. اسانجي اڳواڻن رات پيٽ ۾ اسانکي پنجاهه ٽولن ۾ ورهائي ڇڏيو. پنجاهه تنظيمون شايد ئي دنيا ۾ ڪنهن

قوم ۾ هڪ مقصد لاءِ نهيون هجن. اها بدقسمتي نه چئبي ته ٻيو ڇا چئبو. خير دنيا ۾ ته ڪلاسائي ٿي پر اتحاد نهبو. اسان ماڻهن سک جو ساهه ڪنيو. سمجهيوسين ته هاڻ اڳواڻ محترمن وچائڻ ڪانپوءِ ڪجهه سکيو آهي ۽ هاڻ هو سمجهه، صبر ۽ ساڃاهه کان ڪم وٺندا.... پر نه! هڪ مهينو به مس جي مهر نه لڳين. وري ساڳئي هڻ وٺان. اتحاد دوران ۱۹ ۽ ۲۰ مئي تي سن ۾ انهن ليڊر محترمن جيڪي گند ڪيو ۽ هڪٻئي خلاف سازشون سٽيون ۽ هڪٻئي کي نيچو نوائڻ لاءِ جيڪي حيلا هلايائون، سي اڃان عام ماڻهن کان ڳجهيون آهن. جڏهن پڌريون ٿينديون ته پاڻهي اچن ڪارن جي خبر پوندي.

اتحاد ٺهڻ کان هڪدم پوءِ سنڌي مهاجر فساد ڪرائي اتحاد کي پنهنجي اصل مقصد کان هٽائڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي ۽ ان ۾ گهڻي قدر ڪاميابي به ٿين. بدقسمتيءَ سان ان سبوتاز جي سازش ۾ آهي ئي ماڻهو شامل هئا جن اتحاد ناهڻ ۾ گهڻي سرگرمي ڏيکاري هئي. نيٺ اتحاد ٽٽو، پليجو ڏار ٿيو، ته اتحاد ۾ ويٺل ٽانگا پارٽين جا اڳواڻ جوش ۾ اچي هوش وڃائي، بغل وڃائڻ ۽ جهومر هڻڻ لڳا ۽ هرڪو سرُ ۾ ڳائڻ لڳو ته اهو "مها پارت" جي جنگ جيڏو ڪارنامون مون ڪري ڏيکاريو. (ڪيو ته الائجي ڪنهن باقي چون ٿا نه اهو ڪارنامون پنهنجي ڪنڌي ۾ لڪائڻ لاءِ هڪٻئي جي ٻجن مان سو ضرور جهليو هئائون ۽

6 (ب)

نيٺ پوءِ فيصلو ٿيو ته اهو ڪارناموَ سڀني جو گڏيل آهي.)

اسان وري ٻن حصن ۾ ورهائجي وياسين، گھرن ۾ خوشين جي جاءِ تي ماتم مچي ويو.

پوءِ اتحاد ڪافي سرگرمي ڏيکاري، پر اڃا باقي جيڪي اتحاد ۾ سازشي ويٺا هئا تن جي لاءِ اها ڳالهه نيڪ نه هئي، هنن جي ڪا حيثيت ته آهي ئي ڪونه اڳ ۾ ته ڪير ڪنگھندو ئي ڪونه هئن، سي جي راتو رات وڏا ليڊر بڻجي، فلاڻين، فلاڻين ڪميٽين جا ميمبر بنجي ويا، تن نه ٿي چاهيو ته ڪو اتحاد فعال ٿئي.

اتحاد کان ڪجهه وقت اڳ جڏهن مون هڪ ڪتاب ۾ "پنهنجي پاران" ۾ سنڌي نوجوانن کي اڳواڻن جو احتساب ڪرڻ ۽ اتحاد قائم ڪرڻ جي گذارش ڪئي هئي ته منهنجو دوست قاسم پٿر ناراض ٿي پيو ۽ هڪدم فتوي صادر ڪيائين ته تون فلاڻي خان جو ايجنٽ آهين ۽ اڄ ٻه، جڏهن سنگت پبليڪيشن ۳- ۾ محترم غلام حسين رنگريز "جڏهن سنڌ دشمن قوتون متحد ٿي سگھن ٿيون ته سنڌ دوست ڇو نه؟" جي نالي سان ايڊيٽوريل لکيو ته همراهه اصل باهه ٿي ويو، چيو: اهي اسانکي گاريون ڏنيون ويون آهن. يعني سنڌي عوام ۽ اڳواڻن کي اتحاد جي اپيل ڪرڻ به هنن نڪرن پٿرن کي گاريون يا ايجنٽپڻي ٿي لڳي.

هلو سائين اڳتي، هڪ ڏينهن اوچتو جناب پليجي هڪ اهم انڪشاف ڪيو ته اهو اتحاد (ايس. اين. اي)

ضيا جي ايجنٽن نهرايو آهي. ڇيهه ڏي ڇڇي پياه اهو انڪشاف ايتري دير سان ڇو؟ پليجا سائين، ان وقت جڏهن اهو اتحاد نهيو پي، تڏهن ته اسانکي ان سازش کان واقف ڇو نه ڪيو. بقول تنهنجي ته اتحاد جو حقيقي خالق مان (پليجو) آهيان، پوءِ ايجنٽن ڪيئن نهرايو. اتحاد جي سلسلي ۾ ڏنل دعوت نامي جي ڪارڊ تي ته تنهنجو ۽ حميده کهڙو جو نالو هو. دعوتون به ته توهان ئي ڏنيون هيون. محمود هارون، الاهي بخش ۽ ٻين حڪومتي ماڻهن کي به ته توهانجي صحيحن سان ڪارڊ مليو هو، پوءِ اهو اتحاد ضيا ڪيئن ٺهرايو اهو هڪ اهڙو سوال آهي جنهن جي جواب لاءِ بار بار پليجي کان تقاضا ڪرڻ گهرجي.

ان سڄي عرصي ۾ هر اڳواڻ جو ڪردار اهو ئي رهيو ته مونکي وڏيڪ اهميت ملي، اهو اتحاد منهنجي ڪنڌي لڪجي. افسوس اهو آهي ته جي اعجاز جتوئي اتحاد ۾ سرگرم آهي ته ممتاز ڀٽو خاموش ۽ گم. اسان جا اڳواڻ هڪبئي سان گڏجي هڪ هنڌ ويهڻ لاءِ به تيار نه آهن. آخر ڇو؟ تنهن جو جواب هي آهي ته انهن محترمن کي سنڌي قوم جو مستقبل نه پر، پنهنجي ليڊري وڏيڪ عزيز آهي.

”هي منهن ڏيئي ٻن، تون وهه ڪائي نه مرين.“ (شاهه)

ان دوران اسان جا ڪارڪن وائڙا، ٻتال ۽ نوائي تي دم هيڏانهن ته دم هوڏانهن ڏسندا رهياه هو پريشان

هئا ۽ اجا به آهن ته هو ڇا ڪن، اڳواڻن جون موقعي پرستيون، انائون، ڏاڙون ۽ لپاڙون پڌيون ۽ سنڌن حاڪماڻو ۽ غير سنجيده رويو ڏسيو دل ٻڏڻ ٿي لڳي، مايوس ٿي، ماڻڙي ڪري گهر ويهڻ جا پور ٿا پون ۽ سوال ور ور ڏيو ذهن ۾ هٿوراڙيون هڻڻ ٿا لڳن ته:

آخر اسان جو ڇا ٿيندو؟

سنڌي قوم جو مستقبل ڇا ٿيندو؟

جوانو، سنڌ جا وارثو، سنڌ جا سپوتو، سنڌ جو آئيندو اوهين ئي آهيو، سنڌ اوهانجي ئي هٿن مان ڇوٽڪارو ماڻيندي، پر هڪ شرط سان، آهو هي ته اوهان اڳيان وڌو، انهن مڪارن، منافقن ۽ موقعي پرستن کان اڳواڻي ڦري پنهنجي هٿن ۾ ڪريو، پنهنجي قيادت جمهوري اصولن موجب هلايو، نه هر وڏي نالي لاءِ ڪو عهدو مخصوص ڪيو.

هي ڪتاب، گني بسائو ڪيئن آزاد ٿيو، آفريڪا جي ڪارن شيدين جي شاندار جدوجهد جي امر ڪهاڻي آهي ۽ اها ڪهاڻي اسانجي هر نوجوان کي پڙهڻ گهرجي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سڄي دنيا ۾ جتي به قومي آزادي ۽ انقلابن جون جدوجهدون هليون آهن تن جو احوال لکي، ترجمون ڪري پنهنجي نوجوان ساٿين کي ڏجي. ان سلسلي ۾ اوهانجي ساٿ جي اشد ضرورت آهي. جيئي سنڌ.

ڏڙو: ٢٤-٧-٨٩ع

يوسف سنڌي

"آفريڪا جو ڪوبہ وجود ڪونهي!"
جنرل سالازار، پورچوگال جو صدر ١٩٦٨ع

"منهنجي ساٿي ڪوئي گفرپ چيو آهي تہ مان هڪ عظيم انقلابي آهيان، اها ڳالهہ غلط آهي، مان هڪ سادو سودو آفريڪي ماڻهو آهيان، ۽ پنهنجي زماني جي ضرورتن موجب خود پنهنجي ملڪ ۾، پنهنجو فرض ادا ڪري رهيو آهيان. منهنجي ساٿيءَ چيو آهي تہ مان سندس هيرو آهيان. اسان جي ملڪ ۾ ڪوبہ هيرو ڪونهي، هيرو فقط هڪ آهي، آفريڪي عوام."
ايملڪار ڪئبرال ١٩٧١ع

گني بساؤ: تاريخي پس منظر

سامراجي قبضي کان اڳ آفريڪا جي گهڻن علائقن جي جاگرافيائي ورهاست اڄ جيان نه هئي، يعني رياستي سرحدن ۽ جاگرافيائي وحدتن جي جيڪا شڪل اڄ اسان کي نظر اچي ٿي، سا يورپي سامراج جو نتيجو آهي. ان سامراجي مداخلت کان اڳ اولهه آفريڪا هڪ خوشحال علائقو هو. جتي مختلف حصن ۾ خودمختيار يا نيم خودمختيار قبائلي انتظام موجود هو، پر جديد دور وانگر وڏيون وڏيون رياستون عام طور تي وجود ۾ نه آيون هيون يا ٿورو وقت قائم رهي پيهر ننڍين ننڍين خودمختيار رياستن ۾ ورهائجي ويون هيون. علائقي جا ماڻهو تندرست ۽ سخت محنتي هئا، زراعت جي لاءِ زمين زرخيز هئي، معدنيات به وڏي تعداد ۾ موجود هئي. هن علائقي جا ماڻهو خشڪي رستي وچ ۽ اوڀر آفريڪا، ايتريقدر جو عرب ڏيهن سان به وڏي پيماني تي واپار ڪندا هئا.

چوڏهين ۽ پندرهين صديءَ ۾ جڏهن يورپ ۾ واپاري موڙيءَ جو واڌارو ٿيو ۽ ان موڙيءَ جي مناسبت سان جهاز سازي ٿي ته ان اپرنڌڙ سرمائيداريءَ غيرقومن جي پيداواري وسيلن کي پنهنجي قبضي ۾ ڪرڻ لاءِ وڏيون وڏيون مهمون شروع ڪيون. انهن ڏينهن يورپ

جو ايشيا سان واپار خشڪيءَ رستي هلندو هو ۽ اُتر آفريقا جي ملڪن سان تہ يورپ جو رابطو تاريخ ۾ تمام گهڻو پراڻو هو. پر اتر آفريقا ڪانپوءِ صحرا هو تنهنڪري صحرا جي پرينءَ پار جي ملڪن سان يورپ جو رابطو نہ هو. هاڻي نئين واپاري موڙي ۾ جهازسازيءَ سان اهو ممڪن بڻجي پيو تہ باقي آفريقا ڏانهن بہ مهمون موڪليون وڃن. جاگرافيائي لحاظ کان يورپي ملڪن ۾ پورچوگال آفريقا جي اولهندي ڪناري کي سڀ کان وڌيڪ ويجهو آهي ۽ ان زماني ۾ سڀ کان اعليٰ ۽ وڏو بحري ٻيڙو بہ پورچوگال ۾ ئي نهي رهيو هو، تنهنڪري، آفريقا جي اولهندي ڪناري تائين پهچڻ ۽ سڄي آفريقا جو چڪر ڪاٽي پاڻيءَ جي رستي هندستان پهچڻ جو ڪارنامون بہ سڀ کان پهرين پورچوگال وارن ئي سرانجام ڏنو.

شروع ۾ يورپ جي واپاري موڙيءَ جو مطلب دولت سان هو، سياسي انتظام سان نہ هو. تنهنڪري، شروعات ۾ هنن آفريقا ۽ ايشيا جي ملڪن ۾ حڪومتون نہ ٺاهيون ۽ حڪومت ٺاهڻ جي ضرورت پوءِ، دولت وڌيڪ بهتر نموني سان گڏ ڪرڻ جي لاءِ پيدا ٿي، تنهنڪري، ان دور ۾ پورچوگال جي حڪمت عملي اها هئي تہ ڪنارن وارن علائقن ۾ هنڌ هنڌ تي قلعا اڏيا وڃن. انهن قلعن ۾ فوج، هٿيار ۽ گولا بارود ۽

واپاري وفد رکيا وڃن ۽ مقامي حڪمران طبقن کي پنهنجو گماشتو بنائي مقامي دولت گڏ ڪئي وڃي. يعني سامراج جي شروعاتي شڪل موجوده جديد بيئڪي نظام سان ملندڙ جلندڙ هئي.

اولهه آفريقا جي ڪنارن سان چئن شين جو واپار ٿيندو هو. اول انساني محنت جو، يعني نوجوان شيدي مردن ۽ عورتن کي ٻانهبا بنائي يورپ ۽ آفريقا نيو ويندو هو. ٻيو، معدنيات جو، جن ۾ سون بنهه اهم هو، اڳتي هلي ان ئي مناسبت سان برطانيه ۾ سون جي سڪي کي گني چيو ويو.* ڏکڻ آفريقا ۽ لاطيني آمريڪا ۾ قدرت کان ڀريل يورپي سرمائيدارن تمام گهٽي انداز ۾ سون گنيءَ مان ئي حاصل ڪيو هو ۽ اڄ ڪان اٿ سئو ورهين اڳ گنيءَ ۾ سون جو ڪم ڏاڍي اعليٰ معيار جو ٿيندو هو. ٽيون واپار ڏاتن ۽ خاص ڪري عاج جو هو ۽ هڪ سڄو علائقو 'آئوري ڪوسٽ' يعني ''هاٿيءَ جي ڏندن جي ڪناري وارو علائقو'' سڏجڻ لڳو ۽ ٻي مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ آزادي ملي ته اهو علائقو ان ئي نالي سان هڪ ڌار ملڪ بڻيو. چوٿون واپار زرعي جنسن جو هو. يورپ جي زرعي ضرورتن کي پورو ڪرڻ لاءِ سڄن ملڪن

---

* هتي سنڌ ۾ به عام طور تي سون جي سڪن کي گني چيو ويندو آهي.

جو زرعيَ نظام ارهم برهم ڪري اهڙن فصلن جي اُپت ڪرڻ تي مجبور ڪيو جيڪي سامراجي واپارين کي نفعو ڏيندڙ هئا. مثلاً: خود گني بساؤ ۾ بوهي مگن جي ايتري وڏي پئماني تي پوک ڪئي ويئي جو آباديءَ جي لحاظ کان ننڍو ۽ زرخيز علائقو هئڻ جي باوجود به هي ملڪ پنهنجي ضروري غذائي ضرورتن جيترو فصل پيدا ڪري نه سگهيو ۽ کاڌڻ جي شين لاءِ ٻين ملڪن جو محتاج بنجي پيو. قومي منڊيءَ ۾ بوهي مگن جي گهرج نه هئڻ جي ڪري آبادگار پنهنجي پيداوار سامراجي واپارين کي ٻنهه سستي اگهه تي وڪڻڻ تي مجبور ٿيا. غذا جي کوٽ جي ڪري صحت جو معيار ڪرندو ويو ۽ ڪيترين ئي نيون بيماريون پکڙيون.

پندرهين کان ارڙهين صدي عيسوي تائين سڀ کان وڏيڪ پوائتو واپار انساني جسمن جو هو. ان عرصي دوران رڳو گنيءَ مان گهٽ ۾ گهٽ ڏهه لک مرد ۽ عورتن کي غلام بنائي زبردستي آمريڪا نيو ويو، جتي اهي غلام برازيل، ڪيوبا ويسٽ انڊيز ۽ آمريڪي رياستن ۾ ڪپهه، ڪمند ۽ تماڪ جي پوک ڪرڻ ۾ ۽ رستن، پلين ۽ ريلوي وغيره جي اڏاوتن ۾ استعمال ٿيا. يعني آفريقي محنت جي ڪاروبار تي آمريڪي موڙيءَ جو بنياد رکيو ويو. اهڙي طرح اسين ڏسون ٿا ته نه فقط طبقاتي سماج جي شروعات غلاميءَ کان ٿي آهي بلڪ جديد سامراجي موڙ به لکن ڪروڙن

انسانن کي غلام بڻائي گڏ ڪئي ويئي آهي، ۽ آمريڪا ۾ غلاميءَ جي سڀ کان اهم خصوصيت اها ئي آهي ته، هونئن ته ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ غلامي هر ملڪ رهي آهي پر آمريڪا ۾ غلامي تمام گهڻي پئماني تي هئي ۽ اها نسلي تعصب ۽ ويڇي جي بنياد تي هئي ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه اها ته اها غلامي جديد سرمائي جي غلامي هئي.

اوڻيهه صديءَ تائين يورپي سامراجين اولهه آفريقا جي اندروني علائقن ۾ حڪومت ناهڻ جي ڪا گهڻي ڪوشش ڪانه ڪئي ۽ آفريقي دولت جو نيڪال بندرگاهن جي ذريعي ٿيندو رهيو. حڪومتون ناهڻ جو وڏي پئماني تي ڪوششون اڻويهه صديءَ ۾ ٿيون. جنهن جا ڪيترائي ڪارڻ هئا: اول، جديد نوعيت جي وڏي پئماني جي زرعي پئداوار ۽ ٽيڪنيڪي پيداوار يعني جديد ڪالين جي مستحڪم رياستي اقتدار ضروري ٿيو پيو، بيئڪي دولت جي بل تي يورپ ۾ صنعت ڏاڍي ترقي ڪري ويئي هئي. ان ڪري يورپ جي لاءِ ضروري ٿي پيو ته محڪوم ملڪن کي نه فقط خام مال پيدا ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪري بلڪه انهن ملڪن ۾ زرعي پيداوار جي کپت لاءِ منڊي تيار ڪري، تنهنڪري انهيءَ واپاري مفاد تحت رياستي اقتدار جي شڪل ۾ وڏين وڏين منڊين تي سڌي سنئين ۽ مستقل اجارا داري قائم ڪئي ويئي، ٿيون. يورپ جي مختلف سرمائيدار

ملڪن جي وچ ۾ مقابلو ۽ بيٺڪت لاءِ لڙايون شروع ٿي ويون هيون. تنهنڪري هر سامراجي ملڪ جي اها ڪوشش هئي ته جلد از جلد وڏي کان وڏو علائقو پنهنجي قبضي ۾ آڻي ۽ پنهنجو حق جمائڻ لاءِ باقاعده رياستون بنائڻ ضروري ٿي پيو. چوٿون، صدين جي ڦرلٽ جي جواب ۾ آفريقي مزاحمت ڏاڍي گنڀير شڪل اختيار ڪري ويئي هئي. تنهنڪري وڏي پئماني تي فوج ڪشيءَ ذريعي اهڙيون رياستون بنائڻ جي ضرورت پيش آئي جتي جبر ۽ ڏاڍ جاري رکڻ لاءِ وڏيون وڏيون فوجون مستقل طور تي رهن ۽ انتظاميه ملڪ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود هجي. خود گني بساؤ جهڙي ننڍڙي ملڪ ۾ هڪ مستقل بيٺڪي رياست بنائڻ لاءِ پورچوگالين ١٨٨٠ع کان ١٩١٥ع تائين يارهن وڏيون جنگيون ڪرڻيون پيون ۽ اها رياست قائم ٿيڻ ڪانپوءِ به بغاوتن کي دٻائڻ لاءِ ١٩٣٦ع تائين هر سال ڪنهن نه ڪنهن صورت ۾ فوج ڪشي جاري رهي. جڏهن ١٩٥٤ع ۾ ڪئبرال جي اڳواڻيءَ ۾ جيڪا جديد انقلابي تحريڪ اڀري. سا ان ڳالهه تي فخر ڪرڻ ۾ حق بجانب هئي ته سندس ابن ڏاڏن پنج سئو سالن جي يورپي جارحيت جي خلاف جنگ جي دوران پورن ويهن سالن لاءِ به امن قبول نه ڪيو.

جڏهن مستقل رياستون قائم ڪرڻ ۽ بيٺڪن کي ورهائڻ جو دور آيو ته اولهه آفريقا ۾ به سامراجي مفادن

جي ڀورائي لاءِ سرحدون قائم ڪيون ويون. ايئن نہ فقط هڪ سڄو خودمختيار ڪنڊ اهڙين نين ۽ جڙتو رياستن ۾ ورهايو ويو، جن جون سرحدون قائم ڪرڻ وقت قوميتن ۽ قبيلن جي جدي علائقن جي وحدت ۽ سالميت تي ويڇي بلڪ خود هڪ علائقي، جنهن کي گني چيو ويندو هو، ٻہ رياستون قائم ٿيون. جتي فرانسيسي قابض ٿيا سا فرانسيسي گني سڏجڻ لڳي ۽ جنهن علائقي تي پرتگال قبضو ڪيو سا پرتگيزي گني سڏجڻ لڳي. ٻي مهاڀاري جنگ کانپوءِ فرانس جو قبضو ختم ٿيو تہ گنيءَ جي نالي سان هڪ آزاد ملڪ وجود ۾ آيو. پر پرتگيزي قبضو قائم رهيو. ان علائقي يا ملڪ کي سامراجي طاقتون تہ پرتگيزي گني ئي چونديون رهيون پر بساؤ نالي ڳوٺ جي هند جي ڪري هن ملڪ جو نالو گني بساؤ پئجي ويو. ڪناري کان اٽڪل چار سئو ميل پريان پيٽن جو هڪ سلسلو ڪيپ وردي جي نالي سان بہ آهي جيڪو پڻ پرتگالين جي قبضي ۾ هو ۽ ان ئي ملڪ جو حصو رهيو. ان ڪري ملڪ جو سڄو نالو "گني بساؤ ۽ وردي پيٽ" آهي. پر مختصر طور فقط "گني بساؤ" چيو ويندو آهي.

سڄي ملڪ جي آبادي ڏهن لکن ماڻهن تي مشتمل آهي. زرخيز زمين معدنيات ۽ تيل ڪٿائين جي شڪل ۾ ملڪ جي موجوده ۽ امڪاني قدرتي وسيلا گهرج کان بہ وڌيڪ آهن. پر پنجن سئو سالن جي

غلامي ان نوعيت جي رهي آهي جو گنيءَ ۾ پيداواري ۽ سماجي رشتن جو ارتقا رڪجي ويو آهي. ۽ آبادي مختلف اهڙن نسلي ۽ قبائلي گروهن ۾ ورهايل رهي جيڪي پنهنجي نشو و نما جي اعتبار کان تاريخ جي مختلف دورن ۾ آهن. ١٩٥٤ع تائين ملڪ جي ٩٩ سيڪڙو آبادي اڻپڙهيل هئي.

١٩٥٩ع تائين سڄي ملڪ ۾ ڪوبه هاءِ اسڪول نه هو، تنهن کانپوءِ هڪ نهيو ۽ پڇاڙيءَ تائين هڪ ئي رهيو. پنهنجي پنجن سئو سالن جي دور حڪومت ۾ پورچوگالين فقط ٻه اسپتالون جوڙايون ۽ اهي ٻه پنهنجي استعمال جي لاءِ. هنن جي ڏاڍيل غربت ۽ بک جو نتيجو هي هو ته گني بساءُ ۾ سٺ سيڪڙو ٻار هڪ سال جي عمر کان اڳ مري ويندا هئا. سڄي ملڪ ۾ ڪل ٻارهن ڊاڪٽر هئا جيڪي به گهڻو ڪري پورچوگالي ۽ سندن گماشتن جي علاج وغيره ۾ رڌل رهندا هئا.

انهن پنج سئو سالن ۾ گني بساءُ جي ڪل سورهن شخصن يونيورسٽي ۾ تائين تعليم پرائي، جن مان هڪ ڪئبرال به هو. ڪئبرال جي پيءُ جو تعلق ڪيپ وردي ٻيٽن سان هو، جڏهن ته هو ١٩٢٤ع ۾ گني بساءُ ۾ پيدا ٿيو. ان سڄي عرصي ۾ پرتگالين گني بساءُ ۾ ڪوبه ڪارخانو نه لڳايو، نه معدنيات جي وسيلن ۾ ترقي ڪئي ۽ نه ئي وڏيون ايراضيون پنهنجي

تحويل ۾ وٺي وڏي پئماني تي پوک ڪرائي ڪيت مزدور پيدا ڪيا. ان کان علاوه آبادي گهٽ ۽ پکيڙ گهٽي هئڻ، جي ڪري ۽ ملڪيت جو نظام پراڻو هئڻ جي آڌار تي هوئڻ به ڪيت مزدورن جي ڪا فوج تيار نه ٿي سگهي.

ڪئبرال جون لکٿيون پڙهندي اسان کي اهو معاشي ۽ سماجي پس منظر ذهن ۾ رکڻ کپي. هن جون ڪيتريون ئي لکٿيون اصل ۾ ان سوال جو جواب آهن ته آخر معاشري ۾ اصل انقلابي قوت ڪهڙي آهي؟ صنعتي سرمائيداريءَ جو تجربو ڪندي مارڪسي سائنس جي استادن اصول ڪڍيو آهي ته انقلاب جي اڳواڻي صنعتي پرولتاري ڪري ٿو ۽ سوشلسٽ انقلاب مادي طور تي مزدور انقلاب هوندو آهي. جنهن ۾ هاري اتحادين جي شڪل ۾ فعال ڪردار ادا ڪندو آهي. مٿين ڳالهه مان هي اصول ڪڍيو ويو آهي ته بيٺڪي ۽ نيم بيٺڪي ملڪن ۾ سوشلسٽ انقلاب قومي آزاديءَ جي جي جنگ جي صورت ۾ ايندو آهي. مزدورن جي لاءِ سڌو سنئون سوشلزم آڻي ٿو ۽ هارين جي لاءِ جاگيرداري نظام جو خاتمو ڪري ۽ زمين جي نئين ورهاست ڪانپوءِ اجتماعي پيداوار رائج ڪري ٿو. ۽ زمين جي اجتماعي ملڪيت جي لاءِ راهه هموار ڪري ٿو. ان انقلاب جي اڳواڻي ته مزدور ئي ڪري ٿو پر هاري محض اتحادي ئي نه بلڪه انقلاب جي طبعي طاقت جي طور تي عمل

۾ اڇي ٿوه وڏيڪ اهو ته هارين ۾ به غريب هارين ۽ خاص ڪري ڪيت مزدورن جي اهميت ۽ رهنمائي وڌندي ويندي آهي.

پر گهڻيءَ جهڙي ملڪ ۾ صورتحال ان کان مختلف هئي. نه صنعتي پرولتاريه هئي نه وڏي تعداد ۾ ڪيت مزدور. سامراجي ڦرلٽ سماجي پسماندگيءَ ۾ تمام گهڻو واڌارو ڪيو هو ۽ پيداواري قوتن جي ترقي صدين کان رڪجي ويئي هئي. يا مسخ ڪئي ويئي هئي. تنهنڪري سوال هي هو ته اهڙي ملڪ ۾ انقلاب اچي سگهي به ٿو يا نه ۽ جيڪڏهن اچي سگهي ٿو ته ڪهڙا سائنسي اصول هوندا جن تحت اهو طئي ڪيو وڃي ته انقلاب جي شڪل ۽ قيادت ڪهڙي هوندي.

ڪئبرال جي لکڻين مان ٽي اصول صاف نڪرن ٿا. اول هي ته عالمي سطح تي سوشلسٽ انقلابي نظريو ايترو ترقي ڪري ويو آهي، سامراج، سرمائيداري ۽ جاگيرداري بحران ايترو شديد ٿي ويو آهي، انقلاب ۽ رد انقلاب جي وچ ۾ طاقت جو توازن ان حد تائين انقلاب جي حق ۾ ٿي ويو آهي ته هائي دنيا جي هر حصي ۾ انقلاب جي لاءِ معروضي صورتحال سازگار آهي ۽ هر ملڪ ۾ اصل مسئلو هي آهي ته ان ملڪ جي معاشي، سماجي ۽ سياسي حالتن جو صحيح تجزيو ڪري درست عمل جي راهه اختيار ڪئي وڃي. ٻيو، اهو انسانيت جي مقدر ۾ هرگز ناهي لکيل ته هر قوم ۽ ملڪ ۾

وڏيون وڏيون جاگيرداريون هارين جي وڏي تعداد کي زمين کان محروم ڪن ۽ صنعت سرمائيداريءَ جي ذريعي رائج ٿي تمام گهٽو صنعتي پرولتاريه پيدا ڪري، تڏهن وڃي انقلابي پارٽي جڙي. طبقاتي تضاد جون اهي مخصوص شڪليون موجود نه هجن يا بلڪل شروعاتي شڪل ۾ هجن ته به ڦرلٽ پين شڪلين ۾ ڏاڍي شديد ٿي سگهي ٿي ۽ عمل جو صحيح طريقو اختيار ڪيو وڃي ته نه فقط جاگيرداري بلڪه قبائلي ۽ نيم قبائلي پيداواري رشتن مان به سڌو سنئون سوشلسٽ انقلاب ڏانهن وڌي سگهجي ٿو. تيون، انقلابي پارٽي جي ماهيت ۽ انقلاب جي هر اول دستي جو سوال هر ملڪ ۾ ان تجزيي جي تحت هوندو ته ان ملڪ ۾ پيداواري قوتون ڪيتري حد تائين ترقي ڪري ويون آهن ۽ پيداواري رشتن جي لحاظ کان ڪهڙو طبقو يا طبقاتي حصو سڀ کان وڌيڪ ترقي يافته ۽ وڌيڪ ترقي پذير آهي.

پورچوگالي بينڪيت ۽ عالمي ساهراج:

پورچوگالي بينڪن جو ان حد تائين پسمانده هئڻ جو هڪ ڪارڻ هي به آهي ته پورچوگال خود يورپ جو سڀ کان وڌيڪ پسمانده ملڪ آهي. پنهنجي بينڪن ۾ صنعتون لڳائڻ ته پري رهيو، خود پورچوگال اندر به صنعت ڪاري بلڪل ننڍي پئماني تي ڪيل آهي. ملڪ جي چاليهه سيڪڙو آبادي اڻپڙهيل آهي ۽ ڪن

علائقن ۾ ستر سيڪڙو تائين آبادي علم جي روشنيءَ
کان محروم آهي، تنهنڪري اها ڪا حيرت جي ڳالهه
ڪونهي ته گنيءَ ۾ پڙهيلن جو ريشو فقط هڪ سيڪڙو
آهي. پيو ته انگولا لاء موزمبيق ۾ ته وري پرتگيزين
ڪافي تعداد ۾ رهائش اختيار ڪئي، زمينون خريد
ڪيون، فارم کوليا، کاڻين ۽ ٽرانسپورٽ ۾ پئسو لڳايو
پر گنيءَ ۾ ڪڏهن به آبادگارن خود رهائش اختيار نه
ڪئي. محصول وغيره ڏاڍا سخت لاڳو ڪري خوب
پئسو ڪمايو يا مالياتي فصل زبردستي پوکائي پنهنجي
مقرر ڪيل اگهه تي خريد ڪري عالمي منڊيءَ ۾
خوب نائو ڪمايو.

پورچوگال ۾ صنعت جو عالم هي رهيو جو هٿيار،
يا هوائي جهاز ته پري رهيا، رڳو موٽر يا ريل جا
دٻا، ايتريقدر جو ڪئمبرال چوائي، راند جي بندوق به
خود ڪانه ٺاهي ويندي هئي. سبب اهو جو چوڏهين
۽ پندرهين صديءَ ۾ پورچوگالي هڪ اهم واپاري
طاقت طور اڀرڻ کانپوء سامراجين جي اندروني جنگ
۾ هوريان هوريان ولنديزين ۽ انگريزن کان هارائيندا
ويا ۽ ارڙهين صدي ايندي پورچوگال پنهنجي
بينڪن هئڻ جي باوجود به خود برطانيه جي نيم بينڪيت
بنجي ويو هو ۽ جيڪا دولت پورچوگال ايندي هئي
سا ڪجهه ڏينهن ترسڻ کانپوء لنڊن جي مالياتي منڊيءَ
۾ پهچي ويندي هئي ۽ گهٽ وڌ بي مهاپاري لڙائيءَ

تائين اها صورتحال جاري رهي ۽ مهاپاري لڙائيءَ کانپوءِ جڏهن تاج برطانيہ جو سج گهٽو ڪري لهي چڪو هو تہ برطانيہ جي پين بيٺڪن ۽ نيم بيٺڪن جيان پرتگال ۾ بہ آمريڪي سج اڀريو، آزاديءَ جو موجوده دور شروع ٿيڻ کان پهرين گني، انگولا ۽ موزمبيق ۾ لڳل پرڏيهي موڙيءَ جو سٺ سيڪڙي کان بہ وڌيڪ سرمايو آمريڪا کان آيو هو. سٺ سيڪڙي کان بہ وڌيڪ برآمدات آمريڪا ويندي هئي. تنهنڪري سٺ سيڪڙي کان وڌيڪ هٿيار بہ آمريڪا مان ايندا هئا.

١٩٧٠ع جي شروعات تائين انگولا، موزمبيق ۽ گنيءَ جون آزادي پسند تحريڪون ايترو تہ زور وٺي ويون هيون جو پورچوگال کي ستر هزار فوج انگولا، يعني پنهنجي آفريقي بيٺڪن ۾ ڪل هڪ لک پنجهتر هزار فوجون رکڻيون پيون ۽ پورچوگال جهڙي نسبتاً پسمانده ملڪ جي لاءِ ايڏي وڏي پيماني تي جنگ لڙڻ ممڪن ڪونہ هو تنهن ڪري پورچوگال جي پنهنجي معيشت ڏهڻ لڳي ۽ غير ملڪي قرض پنجن اربن تائين پنهنجي پهچي ويو، اهو سمورو قرض ترقي يافتہ سرمائيدار ملڪن مان آيو هو. پر خاص آمريڪا مان آيو هو. مثلاً: جڏهن پورچوگال پنهنجي پين اوزارن جي استعمال جي باري ۾ آمريڪا سان نئون معاهدو ڪيو تہ ان جي بدلي ۾ ٽي ڪروڙ ويهہ لک ڊالر مليس، ٽن هزار فوجين آفيسرن جي مفت تربيت جو

معاهدو، پنج تباهه ڪن بحري جهاز ۽ ٻين ڪيترن ئي قسمن جا ننڍا وڏا بحري جهاز ملياه ٻي امداد ۽ قرض ته هوندئن به سڌو سنئون وڏي پئماني تي ملندو رهيو، مثلاً: ١٩٧٢ع ۾ آمريڪا، پورچوگال کي پنجاهه ڪروڙ ڊالرن جي امداد سنئين سڌي ڏني هئي، تربيت، هٿيارن ۽ ٻين وسيلن ۽ سهولتن جو انتظام نيٽو (Nato) جي جنگي معاهدي تحت برابر ٿيندو رهيو.

انهن حالتن ۾ هي سوال اهم آهي ته آخر پورچوگال جي ٻيلڪن جو آمريڪا ايڏي وڏي قيمت ادا ڪري ۽ ايڏي وڏي پئماني تي دفاع ڇو ڪيو؟ ان سوال جو جواب اسين مختلف عنصرن جي روشنيءَ ۾ ڏيئي سگهون ٿا:

(١) آفريقا هندي سمنڊ ۽ اوقيانوس سمنڊ جي وچ ۾ هڪ وڏو ڪنڊ آهي ۽ آمريڪا جا ڪيترائي اهم فوجي ۽ سياسي مفاد هن علائقي سان وابسته آهن. ان کان علاوه آفريڪا جي چوڙاري گهمندڙ بحري رستا محفوظ رکڻ لاءِ آمريڪا کي ساحلي علائقن تي اهڙين حڪومتن جي گهرج هئي جن تي ڀروسو ڪري سگهجي. موزمبيق آفريقا جي اوڀرندي ڪناري تي آهي ۽ انگولا اولهندي ڪناري تي آهي. تنهنڪري انهن ملڪن تي ٻيلڪي تسلط آمريڪا جي لاءِ ڏاڍو اهم آهي.

(٢) انگولا ۽ موزمبيق ۾ تيل ۽ ٻين معدني وسيلن جي ڪاروبار ۾ آمريڪا جو سرمايو وڏي پئماني تي ڳپل هو.

(٣) ازور جي پيٽن جي اهميت آمريڪا جي عالمي فوجي نظام ۾ ڏاڍي اهم آهي، ڇو تہ آفريقا، ڏکڻ يورپ ۽ وچ اوير ڏانهن ايندڙ آمريڪي جهاز ازور جو فوجي اڏو ئي استعمال ڪندا هئا. ١٩٧٣ع ۾ آڪٽوبر واري عرب اسرائيل جنگ جي دوران تہ اهڙي صورتحال پيدا ٿي ويئي هئي جو يورپ جي باقي سيني ملڪن اسرائيل کي نوان هٿيارن پهچائڻ جي سلسلي ۾ آمريڪا جي مدد ڪرڻ کان نابري واري هئي ۽ جيڪڏهن ازور جو هوائي اڏو ميسر نہ هجي ها تہ آمريڪا ايڏي پئماني تي ايڏي تيزيءَ سان هٿيار هرگز پهچائي نہ سگهي ها.

(٤) آفريقا ۾ پورچوگالي آبادڪاري مضبوط رکي آمريڪي حڪمران طبقي ڏکڻ آفريقا ۽ روديشيا هاڻوڪو زمباوي جي نسل پرست سفيد فام حڪومتن جي مدد ڪرڻ ٿي چاهي.

(٥) گني، انگولا ۽ موزمبيق جي آزادي پسند تحريڪن کي سختيءَ سان ڪچلڻ جو بندوبست ان لاءِ ڪيو پي ويو تہ جيئن آفريقا جي نسبتاً ترقي پسند حڪومتن خاص ڪري تنزانيا ۽ زمبيا جي حڪومتن تي دباءُ رهي.

(٦) جڏهن کان آمريڪا هڪ عالمي سامراجي طاقت طور ابريو آهي تڏهن کان هن جي پرڏيهي پاليسيءَ

۾ هڪ مرڪزي تصور هي رهيو آهي ته سامراج جي اهم ترين مفادن جي بچاءُ لاءِ ضروري آهي ته سڄي نظام ۽ نظام جي هر حصي بچاءُ ڪيو وڃي، ڇو ته سرمائيداريءَ جي موجوده دور ۾ سامراج هڪ عالمي نظام جي صورت ۾ ئي زندهہ رهي سگهجي ٿو ۽ جيڪڏهن ڪمزور حلقا ٽٽڻ لڳن ته سڄي زنجير ٽٽي ويندي. ان لاءِ ڪنهن خاص ملڪ ۾ قومي انقلابي تحريڪ کي ڪچلڻ لاءِ آمريڪا پنهنجي فوري ۽ سڌن سنون معاشي مفادن کان وڌي چڙهي به حصو وٺندو رهيو آهي. تنهنڪري، انگولا ۾ تيل ۽ ٻيا معدني ذخيرا ايڏي وڏي انداز ۾ موجود نه به هجن ها ته به آمريڪا پرتيگزين جي ڀرپور امداد ضرور ڪري ها.

خود گني بساؤ ۾ آمريڪا جا ڪي ايڏا وڏا معاشي مفاد موجود نہ هئا پر بينڪي زنجير جي نازڪ حلقي طور ان جي اهميت ڏاڍي وڏي ويئي هئي. مثلاً:

(۱) پرتگيزين جي لاءِ پنهنجي بينڪي نظام جي بچاءُ لاءِ ضروري هو ته هر حصي جو بچاءُ ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن گني بساؤ کي سولائيءَ سان آزادي ملي وڃي ها ته انگولا ۽ موزمبيق جي تحريڪن جو حوصلو ڪافي وڌي ها.

(۲) گني بساؤ آفريقا جو سڀ کان ننڍو ملڪ آهي پر سڄي آفريقا جي مڙني سامراج دشمن قوتن جي نظرياتي قيادت هن ئي ننڍي ملڪ ۾ مرڪوز ٿي ويئي

هئي. عالمي سطح تي جيڪا اهميت ويٽنام جي رهي آهي يا لاطيني آمريڪا ۾ ڪيوبا جي، آها ئي اهميت آفريقا ۾ گني بساؤ جي آهي، تنهنڪري ضروري ٿي پيو هو ته گني بساؤ جي تحريڪ کي هر حالت ۾ شڪست ڏني وڃي.

(۳) جيئن ته گني بساؤ ٻنهي ننڍو ۽ انتهائي پسمانده ملڪ آهي. زمين سنئين ۽ ڪلاسيڪي گوريلا جنگ لاءِ نامناسب ۽ سماجي طور تي ملڪ ننڍن ننڍن قبائلي جٿن ۾ ورهايل آهي، تنهنڪري اندازو لڳايو ويو ته هتي تحريڪ کي ڪچلڻ نسبتاً آسان هوندو.

اهي ۽ ٻيا ڪيترائي عنصر هئا جن جي آڌار تي گني بساؤ کي تمام گهڻو ڌيان ڏيڻو پيو. انگولا، گني بساؤ جي نسبت پکيڙ ۾ ٻارهن دفعا وڏيڪ آهي ۽ قدرتي وسيلن جي لحاظ کان ڏاڍي وڏي امڪاني دولت جو مالڪ آهي. پر انگولا ۾ ستر هزارن جي مقابلي ۾ گني بساؤ ۾ پنجٽيهه هزار فوج رکي ويئي ۽ اميد اها هئي ته گني بساؤ ۾ ڪاميابيءَ جو اثر هي ٿيندو ته انقلابي فوجون انگولا ۽ موزمبيق ۾ به همت هاري ويهنديون. پر اثر ٻيهر ابتو ٿيو يعني گني بساؤ ۾ سامراج جي ناڪاميءَ سان پين تحريڪن جا حوصلا بلند ٿيا ۽ انهن کي نئين جلا ملي.

انقلابي تحريڪ جي نشو و نما

اسين ٻڌائي چڪا آهيون ته ڪئبرال انهن سورهن ڄڻن مان هڪ هو جن کي ملڪ کان ٻاهر وڃي اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو مليو. جن ڏينهن هو پرتگال ۾ پڙهندو هو انهن ڏينهن ساڻس گڏ ٻين بينڪن مان آيل ڪجهه ٻيا ٻه شاگرد هئا. لزبن جي يونيورسٽيءَ ۾ پنج دوست بڻيا جن اڳيان هلي پنهنجي پنهنجي ملڪن جي آزاديءَ جي تحريڪن ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو. گنيءَ مان خود ڪئبرال آيو هو. انگولا مان اگو ستينهو نيٽو ۽ ماريو اندرادي هو جن اڳيان هلي پنهنجي ملڪ ۾ ايم-پي-ايل-اي (M.P.L.A) جي نالي سان تنظيم ٺاهي. اهڙي طرح موزمبيق مان اروار ڊوموندلا ۽ مارچيلينو ڊوسونتوس هئا جن پوءِ فريلمو (Frelimo) ٺاهي.

گني بساؤ موٽڻ کانپوءِ ڪئبرال ٻن سالن تائين يعني ١٩٥٢ع کان ١٩٥٤ع تائين پورچوگال بينڪي سرڪار جو ملازم ڪامورو ٿي رهيو. هو زرعي ماهر هو. ان نوڪريءَ سانگي زرعي انگ اکر گڏ ڪرڻ لاءِ هو گني بساؤ جو ڪُوٽ ڪُوٽ گهميو. هن پورچوگاليٽ طرفان آفريڪي عوام تي ٿيندڙ ڏاڍ ظلم، زبردستي ۽ ڦر مار جا سوين هزارين مثال پنهنجي اکين سان ڏٺا. اهڙي دل ڏکوئيندڙ حالتن کي ڏسي هن پڪو پهه ڪيو

۽ "پنهنجي سموري حياتي پنهنجي عوام جي آزاديءَ ۽ چوٽڪاري لاءِ وقف ڪري ڇڏيندس." ١٩٥٦ع ۾ هن ٻين عوام دوست، قوم پرست، آزادي پسند ۽ انقلابي سنگتين سان گڏجي (پي- اي- آءِ- جي- سي) (P.A.I,G.C) يعني "گني ۽ ڪيپ وارن ٻيٽن جي آزاديءَ واري آفريقي تنظيم" نالي گڏجي تنظيم ٺاهي ان پارٽيءَ شروعات ۾ شهري مزدورن کي منظم ڪرڻ ۽ وڏن شهرن ۾ هڙتالون ڪرائڻ تي گهڻو زور ڏنو. ١٩٥٩ع ۾ بسائو شهر جي گوديءَ جي مزدورن جي وڏي هڙتال ٿي. هڙتال کي پورچوگالي فوج بيدرديءَ ۽ دهشت سان دٻايو ۽ ڪيئي مزدور شهيد ڪيا. پارٽيءَ جي گهڻن ڪارڪنن کي گرفتار ڪيو ويو. سندس تنظيمي ڍڪرو گهڻي ڀاڱي ناس ٿي ويو. ڪئبرال ۽ ٻين اڳواڻن پڇي وڃي پير واري ملڪ گني جي رعيتي راڄ (ڪونيڪري) ۾ پناهه ورتي. ان ملڪ تازو فرانس کان آزادي حاصل ڪئي هئي. اتي جي صدر شيخ محمد طور هنن اڳواڻن جو پرجوش آڌرڀاءُ ڪيو.

ان تجربي ڪانپوءِ ١٩ سيپٽمبر ١٩٥٩ع تي پارٽيءَ جي گڏجي اجلاس ۾ طئي ڪيو ويو ته هاڻي پرامن مطالبا ۽ يادداشتون ڇڏي هٿياربند جدوجهد جون تياريون شروع ڪيون وڃن، يعني، شهرن ۾ سياسي ڪم جي تجربي مان پارٽيءَ سکيو ته هٿياربند جدوجهد ضروري آهي ۽ اها جدوجهد شهرن ۾ ٿي نه ٿي سگهي، ڇو ته

شهرن ۾، رياستي پنجرو مضبوط هوندو آهي ۽ انقلابي پارٽيءَ جا ڪارڪن ۽ تنظيم هڪدم نظر ۾ اچي تشدد جو نشانو بنجي سگهن ٿا. شهرن ۾ سامراجي ۽ گماشتا حڪمرانن جي ثقافت لاڳو هئڻ جي ڪري اعتماد جوڳا ۽ دلير ساٿي گهٽ ملن ٿا. پيو ته غريب پورهيتن جي گهڻائي بهرحال شهرن کان ٻاهر رهي ٿي. هٿياربند جدوجهد شروع ڪرڻ کان پهرين ابتدائي تيارين ۾ ڏهه اٽڪل ٽي سال لڳا پر پورچوگالين جو تشدد ۽ حملن جو سلسلو هڪ پئماني تي شروع ٿي ويو. ان تشدد کان بچڻ لاءِ تنظيم کي مجبور ٿي شهرن کي مڪمل طور تي ڇڏيو پيو ۽ ٻهوناٽن علائقن مان سامراجي تشدد جي خلاف انقلابي تشدد طور بنا دير جي هٿياربند ڪاروايون شروع ڪرڻيون پيون. شروعات ۾ تياري گهٽ هئڻ جي ڪري هٿياربند جدوجهد بدران محض هٿياربند ايجيٽيشن تي ڀرسو ڪرڻو پيو. مثلاً: پورچوگالين جي دڪانن، رستن، پلين، ٽيليفون ۽ تار گهرن کي نشانو بنايو ويو ۽ منظم دستن جي ڪوٽ سبب اها ڪوشش ڪئي ويئي ته ان ايجيٽيشن جي آڌار تي ٿورو ساهي پٽڻ جو موقعو ملي ته جيئن هارين کي منظم ڪري باقاعده تربيت ڏيئي سگهجي. پورچوگالي بيٺڪي سرڪار جو تشدد وڌندو ويو ۽ ١٩٦٢ع جي دوران ڏهن لکن جي ملڪ ۾ ٻن هزارن کان به وڌيڪ گرفتاريون عمل ۾ آيون. ان سال باقاعده گوريلا دستا وجود ۾ اچڻ

لڳا ۽ آزاد علائقا ١٩٦٤ع تائين ملڪ جو هڪ پاڱي چار علائقو آزاد يا نيم آزاد حيثيت اختيار ڪري چڪو هو. يعني ان هڪ پاڱي چار ۾ پورچوگالي بيٺڪي سرڪار جو راڄ ختم ٿي چڪو هو ۽ انهن هنڌن تي متبادل انقلابي انتظاميہ ذميواريون سنڀالي ورتيون هيون. ان سال ”ڪساسا“ واري هنڌ تي ٽيندڙ پارٽي ڪانگريس جي دوران طئي ٿيو تہ گوريلا دستن کي باقاعده فوج جي ماتحت آندو وڃي جيڪا خود مڪمل طور تي پارٽي جي سياسي اڳواڻيءَ ۾ هجي. ٻن هزار رضاڪارن مان نو سئو جي چونڊ ان باقاعده فوج لاءِ ٿي. ان موقعي تي ڪئبرال رٽ ڏني تہ:

”اسان جي راءِ ۾ اهو ضروري نہ هوندو تہ هٿياربند جدوجهد جي لاءِ سڄي آبادي چرپر ۾ هجي. آباديءَ جي هڪ خاص اهم حصي جو چرپر ۾ اچي وڃڻ ئي ڪافي آهي. ان ڪانپوءِ باقاعده فوج منظم ڪري سگهجي ٿي ۽ بقيا آباديءَ کي چرپر ۾ آڻڻ جو ڪم پوءِ ٿئي ٿو.“

١٩٦٧ع تائين سيئي گوريلا دستا باقاعده هٿياربند فوج ۾ شامل ڪري ضابطي ۾ آندا ويا هئا ۽ جنگ ايتري تہ احتياط ۽ مهارت سان وڙهي پئي ويئي جو مرندڙ ۽ زخمي ٿيندڙن ۾ هڪ ۽ ڏهہ جو تناسب انقلابي فوجن جي حق ۾ وڃي رهيو هو. ننڍن هٿيارن جي منهان منهن ويڙهہ ۾ ايتري وڏي پئماني تي نقصان

سهڻ جو نتيجو اهو نڪتو جو پورچوگالي آفيسرن زميني جنگ بند ڪري، وڏي پئماني تي هوائي حملا شروع ڪري ڏنا. ان دوران پورچوگالي آفيسرن جو وڏو تعداد آمريڪي تربيت حاصل ڪري چڪو هو ۽ ٽيڪنيڪي معاملن ۾ هدايتون ڏيڻ جا فرض سڌو سنئون آمريڪي سنيالي ڇڏيا هئا. تنهنڪري، اها جنگ ان ئي انداز ۾ وڙهي ويئي جيئن آمريڪا ويتنام ۾ وڙهي رهيو هو. لڳاتار هوائي حملن وسيلي وڏن علائقن کي گهيري ۾ ورتو ويو، زهريلون گئسون وڏي مقدار ۾ پکيڙيون ويون، فصلن ۽ پاڻيءَ جي کوهن ۾ هوائي جهازن ذريعي زهر ڇنڊڪاريو ويو ته جيئن هاريسن ۾ ڏڪار پوي ۽ هو ٻڇي انقلاب جي حمايت ڇڏي ڏين. هيليڪاپٽرن وسيلي ڪيٽرن ئي موذي بيمارين جا جيوڙا آباد علائقن ۾ پکيڙيا ويا ته جيئن ماڻهو بيمار ٿي مري کپي وڃن ۽ لڙائيءَ جي قابل نه رهن، وغيره وغيره.

ان عرصي ۾ سامراجي حڪمران شهرن ۾ هلندا رهيا ۽ پنهنجي ٽيڪنيڪي ۽ معاشرتي متاهينءَ جي ٻل تي انقلابي فوج جي خلاف نت نيون رٿائون جوڙيندا رهيا. پر ڳوٺاڻن علائقن سندن انتظام ۽ هٿ مان نڪرندا ويا. ايتريقدر جو ١٩٧١ع تائين ملڪ جو اٽڪل سٽر سيڪڙو علائقو آزاد ٿي چڪو هو ۽ ١٩٧١ع ۾ انقلابي فوجن شهرن کي گهيري ۾ وٺي حملا شروع ڪيا، ساڳئي سال ملڪ جي ٻن وڏن شهرن بساؤ ۽ نفاتا جي

پرسان ٻن وڏين چانوٽين تي حملا ڪيا ويا، دنيا جي سامراجي اخبارن ان دعويٰ کي ڪوڙو ٺهرايو ۽ ۱۹۷۲ع ۾ انقلابي انتظاميه جي دعوت تي گڏيل قومن جي هڪ وفد گني بساؤ جي آزاد علائقن جو دورو ڪيو ۽ شاهدي ڏني ته ملڪ جو اسي سيڪڙو علائقو آزاد ٿي چڪو آهي ۽ بنيادي طور تي هڪ خود مختيار ۽ انقلابي رياست قائم ٿي چڪي آهي. انهيءَ سال گنيءَ جي سڀني آزاد علائقن ۾ چونڊون ڪرايون ويون ۽ گنيءَ جي عوام جو خود مختيار رياستي ادارو قومي اسيمبليءَ جي طور وجود ۾ آيو. آزاد علائقن ۾ اهي چونڊون کليل طريقي سان ڪيون ويون، هر بالغ کي ووٽ ڏيڻ جو حق ڏنو ويو. جيڪو علائقو پورچوگال جي قبضي ۾ هو اتي اهي چونڊون ڳجهي طريقي سان ٿيون، جن ۾ فقط پارٽيءَ جي ميمبرن حصو ورتو. سال جي پڇاڙيءَ ۾ ايملڪار ڪئبرال اعلان ڪيو ته گني بساؤ جلد پنهنجي آزاديءَ جو اعلان ڪندو ۽ ٻين ملڪن کي اپيل ڪندو ته هو هن آزاديءَ کي تسليم ڪن. آزاديءَ جي هن شاندار گهڙيءَ جي اچڻ کان ٿورو اڳ پورچوگالي فسطائين پنهنجي چاڙتن هٿان ويهين جنوري ۱۹۷۳ع تي ڪونيڪري شهر ۾ عظيم اڳواڻ ايملڪار ڪئبرال کي شهيد ڪرائي ڇڏيو. هنن گنيءَ جي عوام کان آفريقا جو سڀني کان ڏاهو ۽ لائق اڳواڻ کسي ورتو. ڪئبرال اٽڪل ويهن سالن

جي سخت پورهئي سان عوام تي مڪمل پروسو ڪندي جيڪا تنظيم جوڙي هئي؛ اها سندس زندگيءَ ۾ ايتري ته گهري ۽ مضبوط ٿي چڪي هئي جو ڪئبرال جي موت سان تحريڪ ۾ ذرو جيترو به فرق نه پيو ۽ انقلاب جاري رکي تحريڪ ثابت ڪيو ته تحريڪن ۾ وڏن اڳواڻن جي اهميت ڪهڙي به هجي، پر انقلاب ڪنهن هڪ فرد جون پر عوام جو اجتماعي عمل ۽ ڪارنامون هوندو آهي ۽ سماجي انقلاب جو نالو فقط هڪ اهڙي واقعي کي ڏيئي سگهجي ٿو جيڪو پنهنجي اڳواڻن کان تمام گهڻو وڏو ۽ انهن اڳواڻن جي گذري وڃڻ کانپوءِ به وڏو رهي.

سامراجين سمجهيو ٿي ته ايئن ڪرڻ سان هو گنيءَ جي آزاديءَ جي جدوجهد کي دٻائي ڇڏيندا پر ايئن نه ٿيو. گنيءَ جي عوام پنهنجي جدوجهد کي اڃا به تيز ڪري ڇڏيو. هنن وڏيڪ علائقا آزاد ڪرايا ۽ جنگ ۾ پهريون ڀيرو پورچوگالي هوائي جهازن کي راڪيٽن جي ذريعي ڪيرائڻ شروع ڪيو. هيستائين جيڪي شهر پورچوگالين لاءِ سلامتيءَ جي پيٽن مثل هئا سي هاڻي هنن لاءِ دوزخ بنجي ويا. ۲۴ سيپٽمبر ۱۹۷۳ع تي پارٽيءَ گني بساؤ جي آزاديءَ جو هڪ طرفو اعلان ڪري ڇڏيو ۽ ڪئبرال جي ڀاءُ لوئي ڪئبرال کي ملڪ جو صدر بنايو.

پورچوگال جي حڪومت کي احساس ٿي ويو هو

ته هن جا ٣٥ هزار سپاهي عوامــي جنگ جو مقابلو نٿا ڪري سگهن. هنن جي لاءِ شرمناڪ شڪست کان بچڻ جو ڪوبه طريقو نه رهيو هو. پر هنن ڀڄڻ بدران پنهنجي نوجوانن کي مارائڻ بهتر سمجهيو، ڇو ته جيڪڏهن هو گني مان ڀڄي وڃن ها ته انگولا ۽ موزمبيق ۾ سندن اقتدار هيٺو ٿي وڃي ها.

گني بسائو جي انقلابي تحريڪ جو فائدو نه رڳو آفريقي عوام کي بلڪه پورچوگالي عوام کي به پهتو ڇو ته ان انقلاب جي دٻاءُ هيٺ پورچوگال جي چاليهن سالن کان قائم فسطائي حڪومت جو تختو اونڌو ڪيو ويو. ڪئبرال جي وفات کان ڪجهه مهينا پوءِ پورچوگال اندر هڪ بورزوا جمهوري انقلاب آيو ۽ هڪ روشن خيال حڪومت قائم ٿــي ۽ گني بسائو جــي آزادي جيڪا اڳ ۾ ئي حقيقت هئي سا هاڻي مرڳو سرڪاري طرح به مڃي ويئي.

گنيءَ جي سماجي اڏاوت جي چند ڇاڻ

پي - اي - آءِ - جي - سي پارٽيءَ جي شاندار ڪاميابيءَ جو هڪڙو وڏو راز اهو آهــي تــه شروعاتي ناڪامين کانپوءِ پارٽيءَ کي احساس ٿيو ته انقلابي حڪمت عمليءَ جو نقشو ٻي ڪنهن ملڪ تان اکيون ٻوري نقل ڪونه ٿو ڪري سگهجي، ڇو ته هرڪنهن انقلاب جي پنهنجي خاص صورت هوندي آهي. هرهڪ انقلابي جدوجهد کي

پنهنجي سماجي حالتن جي ڇنڊڇاڻ ڪري پنهنجي خاص حڪمت عملي ناهڻي پوندي آهي. پي- اي- آء- جي- سي پارٽيءَ وارن پنهنجي سماج جي جيڪا مڪمل ڇنڊڇاڻ ڪئي، تنهن جا اُهڃاڻ اسان کي سندس ڪامياب ۽ ڏاهپ وارين سياسي چالن مان ملن ٿا. انهيءَ ڇنڊڇاڻ بابت ايملڪار ڪئبرال پنهنجي هڪ تاريخي مضمون ”گني جي سماجي اڏاوت جي مختصر ڇنڊڇاڻ“ ۾ ڄاڻايو آهي ته، ”گني جي عوام جي وڏي گهڻائي هاري آهن. اهي هاري چين يا الجزائر جي هارين کان نرالا آهن. جتي ڪيترن قبيلن ۾ سماجي ٽڪر ۽ طبقاتي ڦرلٽ نه هئي، پر پورچوگالي سامراجين جو گنيءَ ۾ ڦرمار جو طريقو به نرالو هو. هو هارين کان زمينون ڪين کسيندا هئا، پر کين مجبور ڪندا هئا ته پورچوگالي سامراجين هٿان پنهنجي پيداوار ڪوڏين مٺ تي وڪڻن. هن اهو به ڏيکاريو ته عوام ۾ ڪئين قبائلي ٽڪر هئا. پورچوگيز انهن ٽڪرن کي استعمال ڪندا هئا. مثال طور: فولاه نالي هڪڙو قبيلو مسلمان هو. هو ان قبيلي جي سردارن کي پنهنجو دلال بنائي ٻين امن پسند قبيلن تي مڙهيندا هئا. پي- اي- آء- جي- سي پارٽيءَ انهن ٻنهي تضادن کي مکيه تضاد سمجهي اهڙيون سياسي چالون اختيار ڪيون، جيئن هو عوام جي وڏي گهڻائيءَ کي متحد ڪري پورچوگالين ۽ سندن مڪاني ڇاڙتن کي شڪست ڏيئي سگهن.“

ڪئمبرال ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪايو ته ڳني بسائو جو شهري طبقو نه رڳو تعداد ۾ ٿورو هو پر طبقاتي لحاظ کان به صنعتي پورهيت طبقي وانگر نه هو. هن ٻڌايو ته شهرن ۾ هڪڙو خاص طبقو آهي، جنهن کي هن 'ڊي ڪلاسي' يعني بدحال طبقي جو نالو ڏنو. هن طبقي ۾ چور، ڦينو، رنڊيون وغيره اچي وڃن ٿيون. ڪين سماجي سائنس ۾ "ڳاڏڙ پرولتاري" جو نالو ڏنو وڃي ٿو. هي ماڻهو گهٽ ڪري انقلاب جو ساٿ ڪونه ڏيندا آهن. پر بدحال شهرين جي ٻئي ڀاڱي يعني شهري پورهيتن جي بيروزگار ماڻهن کي "انقلابي جدوجهد لاءِ منظم ڪري سگهجي ٿو."

شهري وچولي طبقي جي هڪڙي ڀاڱي جا مفاد سامراجي مفادن سان ڳنڍيل هئا. تنهنڪري اهو قومي جدوجهد جي خلاف هو. ان طبقي جو ٻيو حصو سامراج دشمن هو، سندس مقصد اهو هو ته آزادي حاصل ڪرڻ کانپوءِ ملڪ جو وارث ٿي ويهي، ۽ جدوجهد کي انقلاب جي مٿاهين منزل تي پهچڻ نه ڏي. ايملڪار ڪئمبرال وچولي طبقي جي هن بزدلي، خودغرضيءَ ۽ مفادپرستيءَ جي چڱي پر وضاحت ڪئي آهي.

پي-اي-آءِ-جي-سي پارٽي مٿين سڀني طبقاتي حڪمت عملين کي سامهون رکي انقلابي جدوجهد لاءِ پنهنجون پاليسيون، چالون، ڍنگ ۽ نعرا تيار ڪيا.

نظريي جو هٿيار:

قومي انقلابي جدوجهدن جي موجوده تاريخ اهڙا ڳالهه ثابت ڪري چڪي آهي ته فقط اهي تحريڪون صحيح معنيٰ ۾ ڪامياب ٿين ٿيون، جن جي رهنمائي صحيح انقلابي نظرئي سان ٿئي ٿي. نه ته آزادي ڪٿي اها هٿياربند جدوجهد سان حاصل ٿئي يا قانوني طريقن سان، سگهه ڏئي ان سڌي طرح سامراجيسن وٽ وڪاميو وڃي. اهڙي نالي ماتر آزاديءَ جا گهڻا ڏسي مثال اسان کي ايشيا ۽ آفريڪا ۾ ملي سگهن ٿا.

انگولا ۾ ايم-پي-ايل-اي پارٽي ۽ موزمبيق ۾ فريليمو پارٽيءَ وانگر گني بسائو ۾ پي-اي-آءِ-جي-سي پارٽي مڪمل سائنسي، انقلابي اڳواٽي ڪندڙ اصولن جي ضرورت محسوس ڪئي. هن پارٽيءَ نظريي کي هڪ اعليٰ مقام تي پهچايو. انقلابي نظريو سدائين وڌندڙ ۽ پکڙجندڙ آهي. گني بسائو وارن ان ۾ هڪ شاندار باب جو واڌارو ڪيو. ايملڪار ڪئبرال جي انقلابي سکيا ۽ ڏاهپ ان جو سهڻو روپ آهي.

ڪئبرال پنهنجي جڳ مشهور مضمون ”نظرئي جو هٿيار“ ۾ چتاءُ ڏنو آهي ته ”انقلابي نظرئي کانسواءِ ڪوبه انقلاب نه ٿو اڀري سگهي، پر انقلابي نظريي هوندي به انقلاب ناڪام ٿي سگهي ٿو.“ معنيٰ ته، انقلابي نظريو انقلاب لاءِ لازمي آهي پر رڳو انقلابي

نظريو ڪافي ناهي. هن تاريخ کي اڳتي هلائيندڙ قوتن بابت مارڪس جي سائنسي نظريي کي آفريڪا جي خاص حالتن موجب عمل ۾ آندو. انهيءَ ساڳئي مضمون ۾ ڪئبرال قومي ڇوٽڪاري جي جدلي طريقي ۽ گس جي چند ڇانڊ ڇاڻ ڪندي چيو، ”ڪنهن قوم جي ڇوٽڪاري جو مطلب اهو آهي ته اها قوم پنهنجي تاريخي تشخص کي ٻيهر حاصل ڪري، ۽ پاڻ تي سامراجين طرفان مڙهيل ڏاڍ کي ختم ڪري، پنهنجي تاريخ ڏانهن موٽ ڪائي.“

هن وڌيڪ چاتايو ته گهڻن ملڪن ۾ آزادي حاصل ڪرڻ ڪانپوءِ حڪومت جون واڳون وچولي طبقي جي هٿ ۾ اچي وڃن ٿيون، ان طبقي ۾ ملڪ کي سامراجي غلاميءَ کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ جي صلاحيت هرگز ناهي. اهو طبقو پيداواري عمل کان پري آهي. ان ڪري اهو پنهنجو مفاد انهيءَ ۾ ئي ڏسي ٿو ته هو سامراجين جو دلال ٿي پنهنجي ملڪ کي جديد سامراج وٽ وڪڻي ڇڏي. تنهنڪري، ”اڄوڪي دور ۾ قومي ڇوٽڪارو تيستائين ڏيڻو ئي نه آهي، جيستائين تحريڪ پورهيت عوام جي نظريي جي اڳواڻيءَ هيٺ هلائي نه وڃي ۽ سندس مقصد سائنسي سوشلزم نه هجي.“ اهي ماڻهو جيڪي ڀاڙون ۽ ٻناڪون هڻن ٿا تن لاءِ ڪئبرال چيو آهي، ”آزاديءَ لاءِ جدوجهد هڪ انقلاب آهي. جيڪو قومي جهنڊي چاڙهڻ ۽ قومي ترانو ڳائڻ جي

منزل تي پڄي به ختم نٿو ٿئي."

جيتوڻيڪ گني بسائو جو انقلاب يارهن سالن جي ڏگهي هٿياربند ويڙهه ذريعي ڪامياب ٿيو ۽ ان ۾ کين گهڻيون شاندار فوجي ڪاميابيون حاصل ٿيون، تنهن هوندي به سندس اڳواڻ هڪ منٽ لاءِ به هن ڳالهه کي نه وساريو ته سندن جدوجهد بنيادي طرح سياسي جدوجهد هئي ۽ بندوق سدائين سياست جي هٿ هيٺ هئڻ گهرجي. ڪئبرال چيو آهي، "جدوجهد جي سياسي ۽ فوجي اڳواڻي هڪ ٿي آهي ۽ اها آهي سياسي اڳواڻي. اسان جي جدوجهد ۾ اسان ڪابه فوجي شيءِ ناهن ڪان پاسو ڪيو آهي. اسين سياسي ماڻهو آهيون. اسان جي پارٽي هڪ سياسي تنظيم آهي. اها خانگي، سياسي، انتظامي ۽ ٽيڪنيڪي معاملن ۾ اڳواڻي ڪرڻ ڪري فوجي دائرن ۾ به عوام جي اڳواڻي ڪري ٿي."

سفارتي ناتا:

موجوده زماني ۾ ڪامياب قومي انقلابي تحريڪ هلائڻ لاءِ فقط اهو لازمي نه آهي ته تحريڪ سائنسي اصولن ۽ پورهيت پارٽيءَ جي اڳواڻيءَ هيٺ هلي، صحيح انقلابي حڪمت عمليءَ تي عمل ڪري ۽ عوام جو گڏيل محاذ ناهي، پر ڪيس سهڻا سفارتي ڍنگ به اچڻ گهرجن، جيئن هو پنهنجي دوستن جو تعداد وڌائي سگهي، ڪمزور مخالفن کي بي طرفدار بڻائي سگهي ۽

دشمن منجهه تضاد پيدا ڪري سگهي. ان لحاظ کان پي - اي - آء - جي - سي پارٽي جو تجربو انقلابي ۽ اصولي سفارتي ڊانوَ جو بهترين مثال آهي. ڪئبرال هڪ ڀيري چيو ، "جيڪڏهن ڪنهن به انقلاب جا ٻاهرين دنيا ۾ دوست نه آهن ته ڇڻ اهو انقلاب مڙدو آهي."

انگولا ۽ موزمبيق جا عوام به ساڳئي دشمن خلاف وڙهي رهيا هئا. اها ڳالهه سمجهي پي - اي - آء - جي - سي پارٽيءَ انهن تحريڪن جي گڏيل محاذ ڪوان ڪپ "سي - او - اين - سي - پي" (C O.N.C.P) ناهڻ ۾ اڳڀرائيءَ جو ڪردار ادا ڪيو. هن جماعت جي وسيلي ٽنهي تحريڪن پاڻ ۾ ڄاڻ جي ڏي وٺ ، تربيت ، گڏيل رٿابندي ۽ هڪجهڙن گڏيل طريقن سان جدوجهد هلائڻ جو ڪم ڪيو. ان کان به هڪ وک اڳتي وڌي ڪوان ڪپ جي ميمبرن آفريقا جي آزاديءَ جي ٻين تحريڪن، يعني روڊيشيا ۾ زاپو، نميبيا ۾ سواپو ۽ ڏکڻ آفريقا ۾ آفريقي قومي ڪانگريس سان گڏجي هڪ گڏيل صلاحڪار جماعت ناهي ته جيئن آفريقا جا سيئي غلام عوام هڪٻئي جي مدد ڪري پنهنجي آزادي ماڻي سگهن.

هٿياربند جدوجهد کي ڪاميابيءَ سان هلائڻ لاء پي - اي - آء - جي - سي پارٽيءَ پير وارن ملڪن مان گني "ڪونيڪري" جي رعيتي راڄ کان ڀرپور مدد ورتي ۽ سينيگال کان به ڪجھ جيتري مدد حاصل ڪئي.

انهن پنهي ملڪن جي علائقن ۾ سهوليتن ڪي فوجي ڪارروايـن ڪرڻ لاءِ استعمال ڪيو. پارٽـيءَ پنهنجي ڏاهپ ۽ هوشياري جي ڪري گهڻو ڪري آفريقا جي سيني ملڪن ڪان مالي ۽ سياسي مدد وٺڻ ۾ ڪامياب ٿي. آفريقي اتحاد جي تنظيم رڳو ڪيس ئي گني بسائو ۽ ڪيپ وردي پيٽن جي عوام جو نمائندو تسليم ڪيو ۽ ڪيس مالي مدد به ڪئي.

پي - اي - آءِ - جي - سي پارٽي عرب دنيا ۽ ايشيا جي گهڻن ملڪن سان دوستيءَ وارا لاڳاپا قائم ڪيا. ويٽنام ۽ ڪيوبا جي سرويچ انقلابي عوام سان هن عملي ۽ انقلابي اتحاد قائم ڪيو. ڪيوبا جي گاديءَ واري شهر هوانا ۾ ٿيل مشهور ٽنهي کنڊن جي ڪانگريس ۾ ايملڪار ڪئبرال تمام اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ پنهنجي مشهور تقرير ۾ صاف لفظن ۾ چيو ته، ”اسين هـي پليٽ فارم رڳو سامراج جـي خلاف رڙيون ۽ ڪيڪون ڪرڻ جـي لاءِ استعمال نه ڪنداسين. هڪ آفريقي پهاڪو اسان جي ملڪ ۾ عام آهي ته، ”گهر سڙي رهيو هجي ته دهل وڄائڻ سان ڪوبه فائدو نه ٿيندو.“ ٽن کنڊن ٽي ان چوڻيءَ جي معنيٰ هيءَ آهي ته سامراج جـي خلاف نفرت ۽ ڪاوڙ پيريـل جملن ڳالهائڻ سان سامراج ختم نه ٿيندو. سامراج کي ذليل ڪرڻ جو سڀ ڪان سٺو يا بد هٿيار، اوهين جيڪو به چئو، هـي آهي ته هٿيار کڻي ويڙهـه ڪئي وڃي.

اسين اهوڻي ڪري رهيا آهيون، ۽ جيستائين اسان جي آفريقي وطن جي سڄي سرزمين پرڏيهي قبضي کان آجي نه ٿي ٿئي، تيستائين اسين اهوئي ڪندا رهنداسين.“

سوشلسٽ ملڪ سامراج جي ظلم، ڏاڍ ۽ اڳرائيءَ خلاف پيڙيل قومن لاءِ مدد جو هڪ وڏو وسيلو آهن. تنهن ڪري پي-اي-آءِ-جي-سي پارٽيءَ اها ڪوشش ڪئي ته انهن کان اخلاقي، سياسي ۽ مالي مدد ورتي وڃي. پارٽي هن ڪم ۾ تمام گهڻي ڪامياب ٿي. جيتوڻيڪ سوشلسٽ ملڪن منجهه تضاد ۽ ٽڪر هئا پر پارٽيءَ اهڙو ڪوبه ڪم نه ڪيو، جنهن سان سوشلسٽ ملڪن منجهه نفاق وڌي، ڪيس سڀني سوشلسٽ ملڪن خوشيءَ سان مدد ڏني.

ايملڪار ڪئبرال انقلاب جي دوستن جو دائرو وسيع ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏي، هو سويڊن جهڙي ملڪ کان بہ مدد وٺڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ١٩٦٩ع ۾ هو عيسائي مذهب جي پيشوا پوپ سان بہ مليو. هن گهڻائي پيرا گڏيل قومن جي اجلاس کي خطاب ڪيو ۽ آفريقا جي غلام ملڪن جي آزاديءَ جو آواز مختلف ملڪن جي نمائندن تائين پهچايو. هن آمريڪا جهڙي ڪٽر سامراجي ملڪ ۾ بہ، اتي جي ڪارن ماڻهن سان دوستيءَ جا ناتا ڳنڍيا.

گني بسائو جي آزاديءَ جي تحريڪ جي اڳواڻ پارٽيءَ پاڻ تي ظلم ڪندڙ ملڪ يعني خود پورچوگال

منجهه به پنهنجي انقلاب لاءِ دوست ناهڻ جي خاص مهم هلائي. ان ڪيترائي دفعا ريڊيو، تقريرن ۽ لکڻين ذريعي پورچوگال جي عوام کي اپيل ڪئي ته هو پنهنجي حڪومت جي سامراجي پاليسيءَ جي مخالفت ڪن. چوته، اها پاليسي خود پورچوگال جي عوام جي حق ۾ نه هئي. ڪئبرال کين چيو ته، ”اسان جي جدوجهد نه ڪي پورچوگالي قوم جي خلاف آهي ۽ نه اڇي چمڙي وارن جي خلاف آهي. اسان جا دشمن فقط اهي ماڻهو آهن جيڪي اسان جي ملڪ جي آزاديءَ جي خلاف آهن.“

پي-اي-آءِ-جي-سي پارٽيءَ جون اهي ڪوششون شاندار نموني ۾ ڪامياب ٿيون ۽ پورچوگال سميت دنيا جي سيني ملڪن ۾ سندس دوست پيدا ٿيا. انهن کيس مادي، سياسي ۽ اخلاقي مدد ڏني ۽ سندس حمايت ۾ پورچوگال ۽ سامراجين خلاف پروپيگنڊا ڪئي. اهوئي ڪارڻ آهي جو گني بساؤ جهڙي ننڍڙي ملڪ بابت دنيا جي تمام گهڻن ماڻهن کي تمام گهڻي ڄاڻ آهي. پي-اي-آءِ-جي-سي پارٽي جي ڪامياب سفارتي ڪوششن جو اندازو ان ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو ته آزاديءَ جي اعلان ٿيڻ شرط کيس ٨٠ ملڪن تسليم ڪري ورتو. آمريڪا جهڙي سامراجي ملڪ جي مخالفت هوندي به گڏيل قومن جي جماعت کيس پنهنجو ميمبر بنائي ڇڏيو. اها ڳالهه ڌيان جوڳي آهي ته ايتري

جهڙي ٻاهرين مدد هٿڻ جي باوجود به گني بسائو جي انقلابين پاڻ تي پاڙڻ جي طريقي کي نه ڇڏيو ۽ پنهنجن انقلابي، نظرياتي اصولن تي هميشه قائم رهيا.

انقلاب جو معاشرتي ڍانچو

ٻين ملڪن جيان گني ۽ ۾ انقلاب به ڪيترن سالن جي ڏکي جدوجهد کان پوءِ آيو آهي. ان قسم جي ڏکي مدت واري عمل ۾ انقلاب ڪنهن هڪ گهڙيءَ يا واردات جو نالو نه هوندو آهي بلڪ هڪ ڏکي عرصي ۾ وچي هڪ طبقي جي طاقت ۽ رياست سوڙهي ٿي مري ٿي ۽ ٻي طبقي جي رياست اڀري ٿي ۽ پکڙجي ٿي. ڪافي عرصي تائين حالتون اهڙيون هونديون آهن جو ملڪ ۾ دراصل ٻه حڪومتون ۽ ٻه رياستي پڃرا هڪ ئي وقت موجود هوندا آهن، اجان ملڪ جي هڪ حصي ۾ حڪمران طبقي جي حڪومت برقرار هوندي آهي ته ٻي حصي جو انتظام انقلابي حڪومت پنهنجي هٿ ۾ وٺي لائيندي آهي. انهن آزاد علائقن ۾ سماجي تبديليون هڪدم شروع ٿي وينديون آهن ۽ وقت سان گڏوگڏ انقلاب نه فقط نون نون علائقن کي پنهنجي انتظام ۾ وٺندو آهي بلڪ آزاد علائقن ۾ هڪ انقلابي سماجي پڃرو مضبوط ڪندو ويندو آهي. مٿين طبقن جي آمريت ختم ڪري پورهيتن جي آمريت يعني عوام جي جمهوريت هڪدم لاڳو ڪئي ويندي آهي. پيشه ور

فوج جو تصور ختم ڪري عوام ڪي هٿياربند ڪيو ويندو آهي ۽ عوام مان ئي نين انقلابي فوجن جي تربيت خود عوام جي رهنمائيءَ ۾ ڪئي ويندي آهي. صحت ۽ تعليم جو عوامي بندوبست ڪيو ويندو آهي، پيداوار جا نوان پيچرا ۽ طريقا لاڳو ڪيا ويندا آهن، عورتن کي نيون سماجي آزاديون ۽ نئون مرتبو ملندو آهي. نيون عدالتون، نئين انتظاميه، محصول ۽ چنگيءَ جو نئون نظام، هارين ۽ مزدورن جي رهنمائيءَ ۾ جوڙيو ويندو آهي. گويا، جيئن ئي آزاد علائقا وجود ۾ اچن ٿا، هڪ نئون سماج پيدا ٿيڻ شروع ٿئي ٿو.

اسين هتي جزهي تفصيل سان ته بيان نه ٿا ڪري سگهون. البت ڪجهه جهلڪيون پيش ڪري رهيا آهيون. مثلاً: مقامي ڪم جي باري ۾ هيٺيون اقتباس هڪ ڳوٺائي ڪارڪن جي گفتگو مان ورتو ويو آهي:

”آزاد علائقن جي هر ڳوٺ ۾ اسان هڪ پارٽي ڪميٽيءَ جي لاءِ چونڊون ڪرايون آهن. عام طور تي ڪميٽيءَ ۾ ٽي عورتون ۽ ٽي مرد هوندا آهن، ۽ چونڊ ڳوٺ جي پنچائت يعني ڳوٺ جي سموري بالغ آبادي ڪندي آهي. اسين پهرين کين سمجهائيندا آهيون ته تنظيم ڪيئن جوڙڻ گهرجي، سندن فرض ڪهڙا آهن ۽ پارٽيءَ جا بنيادي اصول ڪهڙا آهن. اڪثر چونڊ نوجوانن جي ٿيندي آهي، پوڙها ان ڳالهه تي گهڻو خوش ته نه هوندا آهن جو ڳوٺ ۾ سندن

جاءِ تي نوجوان اڳوائي سنڀالي رهيا آهن. اسان جا سپاهي به تقريباً سڀ جا سڀ نوجوان ئي آهن. پر پوءِ به پوڙهو هجي يا جوان هر شخص پورچوگالين کان تنگ ٿي چڪو آهي، تنهن ڪري جيڪي پوڙها پهريئن پير ۾ گهريئن ٽا سي پوءِ نيٺ شامل ٿيو وڃن. اسين جيڪي پارٽيءَ جا ماڻهو آهيون تن سان صلاح مصلحت ڪئي ويندي آهي ۽ اسين اميدوارن جي حمايت ٻن اصولن تحت ڪندا آهيون. اول ته هن ماضيءَ ۾ پارٽيءَ جي لاءِ ڪيترو ڪم ڪيو آهي، ٻيو ته هن بابت ٻين هارين جي ڪهڙي راءِ آهي، اصول اهو آهي ته هاريئن جي ڳالهه مڃي ويندي آهي.

”اسين نئون سرمائيداري نظام نٿا چاهيون. جڏهن به هارين طرفان رٽ آئي، ته ڪميٽيءَ جي لاءِ نيون چونڊون ڪرائي سگهجن ٿيون. هونئن به مقرر وقت کانپوءِ نئين سري کان چونڊون ڪرايون وينديون آهن.

”ڳوٺ جي ڪميٽيءَ جا ڪيترائي فرض آهن. موجوده دور ۾ اهم فرض سان هڪ هي به آهي ته زرعي پيداوار وڌائي وڃي ته جيئن ڳوٺ جي سيني گهرائن لاءِ چانور چڱي موچاري مقدار ۾ موجود هجن ۽ سپاهين لاءِ به. سپاهي پاڻ به دالين ۽ سارين وغيره جي پوک ڪن ٿا، پر انهن جي گهڻي غذا ڳوٺ فراهم ڪن ٿا. اسان نيون ٻنيون ڪيڙيون

آهن جتي پوک اجتماعي طريقي موجب ٿيندي آهي ته جيئن هر ڳوٺ پنهنجي سپاهين جي لاءِ اناج پيدا ڪري سگهي.

”نيم فوجي دستن جي ذميواري به ڳوٺ جي ڪميٽي سنڀاليندي آهي، هي دستا انهن نوجوانن تي مشتمل آهن جيڪي عوامي انقلابي فوج ۾ شامل نه هوندا آهن. پر گوريلا ويڙهو هوندا آهن جن وٽ رائفل ته هوندي آهي پر وردي نه هوندي آهي، هي ڳوٺ جي دفاعي جٿي جو حصو هوندا آهن. ڪجهه علائقن ۾ هي جارحانه ڪارروائين ۾ به حصو وٺندا آهن، هي ڳوٺن ۾ ئي رهن ٿا ۽ جدوجهد جي گهرجن موجب هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ بدلي ڪيا وڃن ٿا. ظاهر آهي ته هي رضاڪار هوندا آهن ۽ اسان جي ڳوٺ ۾ ٿيندڙ سياسي ڪم جي آڌار تي ئي ايندا آهن. سياسي ڪم مقامي زبان ۾ سرانجام ڏنو ويندو آهي ۽ سياسي ڪم جي معنيٰ هيءَ آهي ته ماڻهن کي پارٽيءَ بابت ڄاڻ هجي ۽ ٻڌايو وڃي ته اسان جو وجود ڇو آهي ۽ اسين ڇا ٿا چاهيون اسين ماڻهن کي سامراج بابت سمجهائيندا آهيون ۽ کين اهو به سمجهائيندا آهيون ته هتي جيڪو ڪجهه ٿئي پيو سو نه ته تقدير جو لکيو آهي ۽ نه وري خدا جو حڪم. بلڪه ٻين ڪيترن ملڪن ۾ اهو سڀ ڪجهه گهڻو اڳ ۾ ٿي چڪو آهي. اسان کي

عوام کي ڏيکارڻو هوندو آهي ته دنيا سندن ڳوٺ ۾ ختم ٿي نه ٿي وڃي. اسان جو مسئلو هي به آهي ته هو جدوجهد جي موجوده دور کي سمجهن ۽ اها ڳالهه ڄاڻن ته جدوجهد جو واسطو رڳو سندن ڳوٺ سان ڪونهي بلڪ ڪنيءَ جي سڄي ملڪ سان آهي ۽ اها جدوجهد فقط قومي ڪونهي بلڪه بين‌الاقوامي آهي. اسان کي انهن جي اندر اهو شعور به پيدا ڪرڻو آهي ته اڳيان وڌڻ لاءِ ڇتن لازم ٿو ٿئي ته هو جدوجهد ۾ تسلسل برقرار رکن ۽ سندن اهو فرض آهي ته هو پنهنجو "ياڳ" خود پنهنجي هٿن ۾ کڻن. پنهنجا مسئلا ڳوٺ جي سطح تي نبيرين، پنهنجي پيداوار وڌائين، پنهنجن ٻارن کي اسڪول موڪلين ۽ پنهنجون گڏجاڻيون اڪثر ڪندا رهن."

جيئن ته ڪني هڪ ننڍو ملڪ آهي، تنهن ڪري هر ڳوٺ جي ڪميٽي پنهنجو هڪ نمائندو پارٽيءَ جي مرڪزي ڪميٽيءَ لاءِ نامزد ڪندي هئي. ١٩٧٠ع ۾ مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ ڪل ٻنجهتر ميمبر هئا ۽ انتظامي ۽ فوجي معاملن بابت سمورن فيصلن جي واڳ هن مرڪزي ڪميٽيءَ جي هٿ ۾ هئي. نمائندگيءَ جي ان طريقي سان مرڪزي ڪميٽيءَ ۾ سفيد پوش اشرافيه جو گروهه پيدا ٿيڻ جا امڪان گهٽ هئا ۽ قومي قيادت عوام سان لاڳاپيل رهندي هئي. فوجي اڳواڻيءَ جي لاءِ مرڪزي ڪميٽيءَ خود پاڻ منجهان نمائندا

چونڊي مرڪزي ڪميٽيءَ جو هڪ شعبو قائم ڪيو هو، جيڪو سيني فوجي ڪارروائين جي باري ۾ اهم فيصلا ڪندو هو. اهڙي طرح گويا بندوق سياست جي نگرانيءَ ۾ رهندي هئي ۽ خود مختيار فوجي ليڊرن جي ڪيمپ تيار ٿيڻ جا امڪان نہ هئا. بلڪہ فوج هر اعتبار کان سياسي اداري جي هٿ هيٺ رهندي هئي.

هٿياربند ڪارروايون عوامي جنگ جو فقط هڪ حصو هونديون آهن، پر وڏيڪ اهم حصو انتظامي ۽ پيداواري مسئلن بابت هوندو آهي. تنهن ڪري پارٽيءَ کي اهو ڪم پيشہ ورانہ ۽ وڏي پئماني تي انجام ڏيڻو پوندو هو.

١٩٦٦ع جو سال شروع ٿيندي ئي ملڪي معيشيت ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي. هڪ طرف پورچوگالين جي قبضي وارا علائقا هئا جتي رستا ٽوڙي سڄو واپاري نظام درهم برهم ڪيو ويو هو. ماضيءَ ۾ ملڪ اندر استعمال جي لاءِ ساريون پوکيون وينديون هيون ۽ پرڏيهين سان واپار لاءِ پوهي مگ ۽ خشڪ ميوا پوکيا ويندا هئا. ۽ پورچوگالين جي گهٽي آمدني زرعي ٽيڪس ۽ پيداوار جي واپار تي هڪ هٽيءَ سان ٿيندي هئي. پر هاڻي 'بدامني' جي ڪري مالياتي فصلن جي پوک بند ٿي ويئي هئي، واپاري مال جي آمدرفت ختم ٿي چڪي هئي، گودامن ۾ ذخيرو ڪيل مال سڙڻ لڳو، پاهران گهرايل شيون بندرگاهن تان ڪڇي نہ

سگهيون، ايتريقدر جو ڳوٺن مان واپاري ۽ نوڪري پيشه ماڻهو وڏن شهرن ڏانهن ڀڄڻ لڳا. حالتون ايتريون ته خراب ٿي ويون جو جتي گوشت ۽ ڀاڄيون نه هئڻ جي باوجود، ان جي ڪڏهن به کوٽ نه ٿي هئي، اتي پورچوگالين ڪي پنهنجي سپاهين ۽ گماشتن جا پيٽ ڀرڻ لاءِ اٽڪل پنجويهه هزار ٿن چانور ٻاهران گهرائڻا پيا.

ٻي طرف آزاد علائقا هئا، جتي نيون زمينون کيڙي آباديءَ لائق بڻايون ويون هيون. چمڙو، رٻڙ، ڪلون، ڪوپرو ۽ ڪوپري جو تيل ٻاهر موڪلي ضرورت جون شيون قيمت ادا ڪري گهرايون ويون. هٿ جي هنرن ۽ ٻين ڪمن جون ننڍي پيماني تي مقامي صنعتون قائم ڪيون ويون، صابڻ وغيره ٺاهڻ لاءِ مشيني صنعتڪاريءَ جي رٿابندي ڪئي وئي.

پورچوگالين جي زماني ۾ ساريون پوکڻ ڪانپوءِ جيتري پوک لائق زمين بچندي هئي ان تي ٻوهي مگن جي پوک ڪئي ويندي هئي، پر هاڻي مختلف قسمن جون ڀاڄيون پوکيون وينديون هيون. ٻيلن جي اندر ميون جا وڻ لڳايا ويندا هئا. اهو سورو ڪم ڏاڍو ڏکيو هو ڇو ته پورچوگالي فوجي ٻنين ۾ ڪرڻ ۾ ڪم ڪندڙ هارين کي ڳولي بمباريءَ جو نشانو بڻائيندا هئا. سو هارين ٻيلن اندر وڻن جي ڇانون ۾ ننڍيون ننڍيون ٻاريون ٺاهيون ۽ ڏينهن جو کليل ٻنين ۾ ڪم بند ڪري رات جو يا فجر جو اتي ڪم ڪرڻ شروع

ڪيوهه هنن لابارو ڪري ان ۾ پوڙن ۾ لڪائڻ جا گُر سکيا. مطلب ته هي آفريقا جو ويٽنام هو. هڪ پاسي آمريڪي بمبار جهازن ۾ پورچوگالي وينا هئا ته ٻي طرف اڻ پڙهيل پر باشعور هاري هئا جيڪي جنگ جي خاطر پيداوار جا نوان طريقا ايجاد ڪري رهيا هئا. هڪ طرف سامراجي ٽيڪنڪ هئي ته ٻي طرف انقلابي تخليق ۽ ٻولا جو جوهر هو. انهن ڏي ڏينهن گنيءَ ۾ هڪ چوڻي مشهور هئي جنهن جو مفهوم هي هو ته، ”جيٽوڻيڪ پورچوگالين جو راڄ ڪڪرن تي آهي پر پوءِ به گوريلا ٻنين ۾ خوشيون ملهائيندا وتندا آهن.“

آزاد علائقن ۾ رياستي پڇرو قائم ٿيڻ سان گڏوگڏ عوامي دڪانن جو به هڪ سلسلو شروع ڪيو ويو، انهن دڪانن جو انتظام پارٽيءَ جي هٿن ۾ هو ۽ واپار گهڻو ڪري ڪرنسيءَ بدران جنسن جي لين دين تي ٿيندو هو. انهن دڪانن ۾ ڪپڙو، سائيڪلون، مڇردانيون، ٿانوَ، زرعي اوزار، سلائي مشينون، ٽارچ بيٽريون، تماڪ ۽ عام ضرورتن جو ٻيو سامان ميسر هوندو هو. انهن شين جي بدلي ۾ هارين کان چانور، مڪي، ميڻ، کلون، ڪوپرو وغيره يعني پيداواري شيون وصول ڪيون وينديون هيون. اهڙي طرح گهرج کان وڌيڪ پيداوار سرڪاري تحويل ۾ اچي ويندي هئي. پيداوار ۽ مصنوعات جي ورهاست جو ڪم انقلابي سرڪار جي ذميواري هئي ۽ پارٽيءَ جا نمائندا هارين سان شين جي مٽا سٽا

سنئون مدو ڪندا هئا.

هر انقلاب هڪ نئون انسان پيدا ڪري ٿو ۽ جيڪو انقلاب پنهنجي ٻارن جي مقدر سنوارڻ جو بندوبست هڪدم نٿو ڪري سو انقلاب بي معنيٰ آهي. تنهنڪري بالغن ۾ شعور، حوصلو ۽ صلاحيت وڌائڻ سان گڏوگڏ هر انقلاب جي اها به ذميواري هوندي آهي ته پارن جي تعليم ۽ تربيت جو نئون نظام جوڙي ۽ انهن جي تعليم جو جوڳو بندوبست ڪري.

پورچوگالين جي پنجن سؤ سالن جي راج دوران گني ۾ فقط يارهن پرائمري اسڪول کوليا ويا هئا. جڏهن ته هاءِ اسڪول يا ان کان مٿي اعليٰ تعليم جو ڪوبه ادارو قائم نه ڪيو ويو هو. جڏهن ته ڏهن سالن جي انقلابي جنگ جي دوران پارٽيءَ به سؤ پنجيتاليهه اسڪول قائم ڪيا هئا. اوهين ٿورو انهن اسڪولن جو ذڪر هڪ مقامي ڪارڪن جي زباني پڙهو:

”اسڪول خاص ڪري ڪنهن خاص ۽ اهم ڳوٺ ۾ هوندا آهن ۽ ويجهي ڳوٺ وارا ٻار روزانو ايندا آهن. اسين ڳوٺائن کي اسڪولن جو مقصد سمجهائيندا آهيون ۽ ڳوٺ جا ماڻهو اسڪول جي عمارت، ميزون، ڪرسيون، وغيره پاڻ ناهيندا آهن، جڏهن ته باقي شيون مثلاً: ڪتاب، پينون، سليٽون، مس وغيره پارٽي مهيا ڪندي آهي....... ڪجهه ڳوٺن جا ماڻهو تعليم جي معنيٰ ۽ عملي ضرورت

ڪي چڱي نموني سمجهي نه سگهندا آهن تنهنڪري پارٽيءَ کي ڪيترا پيرا تفصيل سان سمجهائڻو پوندو آهي. اسين ڪوشش ڪندا آهيون ته ڪين بلڪل ساڳي ۽ نئوس مثال پيش ڪري سمجهايون. اسين جيڪو ڪجهه بيان ڪندا آهيون سو تفصيل سان بيان ڪندا آهيون، چوته پورچوگالين کي تڙي ڪڍڻ کانپوءِ اسان کي تعليم يافته ماڻهن جي وڏي تعداد جي ضرورت پوندي، وغيره وغيره...“

پورچوگالين چڱي پر چاتو ٿي ته گنيءَ جو نئون باشعور انسان، يعني اينڌڙ نسل جو انقلاب، انهن اسڪولن ۾ وڏي ويجهي رهيو آهي تنهنڪري انهن جا بمبار جهاز گهولي گهولي اسڪولن کي بمباريءَ جو نشانو بڻائيندا هئا. تنهنڪري سمورا اسڪول پيلن ۾ گهاٽن وڻن جي هيٺان لڪائي قائم ڪيا ويا هئا، بمباريءَ جي خلاف پيش بنديءَ طور تدريسي ڪم ننڍين ننڍين ٽولين ۾ ورهائجي سجو ڏينهن ٿيندو رهندو هو ۽ اهو به خيال رکيو ويندو هو ته هڪ ئي وقت ڪنهن اسڪول ۾ چاليهن کان وڌيڪ ٻار موجود نه هجن، چو ته پورچوگالي ايجنٽ انهن اسڪولن جي جوڙي ڪندا وتندا هئا، تنهن ڪري هر ٽن مهينن کان پوءِ هو اسڪول کي پٽي ٻي هنڌ تي قائم ڪيو ويندو هو. تنهن هوندي به ڪيترائي اسڪول بمباريءَ جو نشانو بڻيا ۽ سوين ٻار مارجي ويا. انقلاب جي لاءِ گنيءَ ۾

هر عمر ۽ هر قبيلي جي ماڻهوءَ قرباني ڏني آهي. انهن عظيم ۽ لڳاتار قربانين کان پوءِ ئي وچي جديد سائنسي علم ۽ انقلابي شعور سان هٿياربند، هزارن ماڻهن تي مشتمل هڪ نئون نسل تيار ٿي سگهيو آهي.

پنهنجي پنجن سؤ سالن جي راڄ ۾ پورچو گالين گنيءَ ۾ فقط ٻه اسپتالون قائم ڪيون هيون. ڏهن سالن جي هٿياربند جدوجهد دوران انقلابين چار نيون اسپتالون قائم ڪيون، جيڪي ٻهراڙيءَ جي علائقن ۾ هيون ۽ جتي مستقل طور تي ڊاڪٽر رهندا هئا. نرسون به وڏي تعداد ۾ هيون، آپريشن ۽ ايڪسري جا اوزار به موجود هئا. اهوئي ڪارڻ آهي جو اتي هڏيءَ جي مرض کان وٺي سرطان ۽ دل جي بيمارين تائين علاج ٿيندو هو. ١٩٦٧ع ۾ هڪ سال جي اندر ملڪ جي اندر ۽ ٻاهر هڪ سؤ کان به وڌيڪ نرسن تعليم ورتي. هٿياربند جنگ جي دوران ٻين جي پيٽ ۾ هڏيءَ جو مرض تمام گهٽجي ويو، ڇاڪاڻ ته غذا جي کوٽ جي ڪري ماڻهن کي مناسب وٽامن نه ٿي مليا. تنهنڪري ١٩٧٠ع ۾ هڪ اسپتال خاص طور تي هڏن جي بيمارين جو علاج ڪرڻ لاءِ قائم ڪئي وئي.

اهي اسپتالون هٿياربند جدوجهد لاءِ نهايت ضروري ۽ فائدي واريون ثابت ٿيون. جتي جتي حملي جون تياريون هونديون هيون اتي فوجي آفيسر ۽ ويجهڙائي واري اسپتال جا ڊاڪٽر پاڻ ۾ ڳالهه ٻولهه ذريعي

زخمين جي سارسنڀال جو سڄو نظام مرتب ڪندا هئا ۽ هر محاذ جي آسپاس گشتي گروهه مقرر ڪيا ويندا هئا جيڪي فوري ضرورت جا آپريشن مقامي طور تي ئي ڪري سگهندا هئا. باقاعده اسپتالن ۽ گشتي ٽولن کان علاوه طبي امداد جا ننڍا ننڍا ادارا آزاد علائقن ۾ مختلف هنڌن تي کوليا ويا هئا ته جيئن عوام جو علاج سولي نموني ٿي سگهي ۽ بمباريءَ وقت ضروري مدد هڪدم پهچائي سگهجي ۽ هر هنڌ سپاهين جي صحيح نموني سارسنڀال ٿي سگهي.

پورچوگالي اسڪولن جيان اسپتالن کي به خاص طور تي نشانو بنائيندا هئا، تنهن ڪري اسپتالون به ٻيلن ۾ وڻن جي ٽارين هيٺان قائم ڪيون وينديون هيون، اچو ته تن جو ذڪر هڪ مقامي ڪارڪن واتان ٻڌون:

”اسپتالون عام ساديءَ جهوپڙين ۾ آهن، جتي بيمار ۽ زخمي اچي ان جي پاڇي ۾ آرام ڪندا آهن. هڪ اسپتال ۾، جتي نه بجلي آهي نه تازي پاڻيءَ جو مستقل بندوبست، اتي گذريل ڇهن مهينن ۾ ڊاڪٽرن چوڏهن آپريشن ڪيا آهن ۽ وري سڀ جا سڀ آپريشن ڪامياب رهيا. آزاد علائقن جي آباديءَ جي حوالي هاڻي ڏهه ڊاڪٽر آهن، جيڪي ع.ام ماڻهن کانسواءِ فوج جي سارسنڀال به ڪندا آهن. نرسن جي تربيت جي لاءِ خاص اسڪولن جو انتظام به انهن جي ذمي آهي ۽ اهي اسڪول اسپتالن سان

لاڳاپيل آهن. عام طور تي نرسن ۽ مرد ۽ عورتن جو تعداد هڪجيترو هوندو آهي ۽ ڪم لڳاتار هلندو رهندو آهي ۽ ائين لڳندو آهي ڄڻ اهو ڪڏهن ختم ٿي نہ ٿيندو ۽ دوائون بہ اڪثر گهرج کان گهٽ هونديون آهن. هڪ مستقل بيماري مليريا جي آهي، چمڙي جي بيماري عام طور تي وٽامن جي کوٽ جي ڪري وڌي رهي آهي، اهو وٽامن گوشت ۾ ملي ٿو، پر وهٽ پورچوگالين ماري ڇڏيا آهن ۽ جهنگلي جانور بمباريءَ جي گوڙ ۽ ڌڦ کان ڀڄي ويا آهن، تنهنڪري گوشت نہ ٿو ملي ...“

آزاد علائقن جي نئين سماجي نظام بابت مٿيون ڳالهيون فقط مثالن طور ڏنيون ويون آهن، نہ تہ ان قسم جي هزارين، لکين تفصيلان سان ملي آهو عمل پورو ٿئي ٿو، جنهن کي واقعي انقلاب جو نالو ڏنو وڃي ٿو. چوتہ، اهو بلڪل درست آهي تہ حڪمران طبقي جي تشدد جي خلاف، انقلابي تشدد هر سوشسلٽ تحريڪ کي استعمال ڪرڻو پوي ٿو، پر انقلاب بامرادو فوجي مقابلي يا فوجي فتح جو نالو ڪونهي، بلڪہ ان گهري ۽ مڪمل سماجي تبديليءَ جو نالو آهي، جنهن جي وسيلي هڪ سچي قوم پورهيتن جي اڳواڻيءَ ۾ پنهنجو ’ڀاڳ‘ بدلائي ٿي. ان عمل کي عظيم ايملڪار ١٦ آڪٽوبر ١٩٧٢ع تي گڏيل قومن جي ڪميٽيءَ جو روبرو هيئن بيان ڪيو هو:

”ڏهن سالن جي هٿيار بند جدوجهد، عظيم ڪاوشن ۽ قربانين جي دوران قومي سر زمين جو ٽي ڀاڱي چار حصو پورچوگالي بيٺڪي نظام مان آزاد ڪرايو ويو آهي ۽ ٻه ڀاڱي چار حصو اسان جي موثر انتظام ۾ آهي. جنهن جي نوس طور تي معنيٰ هيءَ آهي ته ملڪ جي اڪثريتي علائقي ۾ عوام جي هڪ مضبوط سياسي تنظيم موجود آهي. انتظاميه جو هڪ عوامي پنجرو جڙي رهيو آهي، هڪ عدالتي ڍانچو آهي، عوام جي محنت جي ڦرلٽ کان بلڪل جدا ۽ آزاد، هڪ نئين معيشيت جڙي آهي، صحت، صفائي، تعليم وغيره جون سماجي ۽ ثقافتي ضرورتون پوريون ڪرڻ لاءِ ادارا آهن ۽ اهڙي طرح پيا به ڪيترائي ادارا آهن جن جي وسيلي عوام پنهنجي سچائپ جو ثبوت ڏئي ٿو، پاڻ پنهنجي زندگين جي جوڙجڪ ڪن ٿا ۽ پنهنجي قسمت پاڻ ڏاهڻ جي صلاحيتن جو اظهار ڪن ٿا. عوام جي پنهنجي سپوتن تي مشتمل هڪ فوجي تنظيم آهي، قومي فوج، جنهن جي ذميداري آهي ته جتي به بيٺڪي سپاهي هجن انهن تي حملا ڪن ۽ مقامي فوج جيڪا آزاد علائقن جي بچاءُ ۽ تحفظ جا فرض انجام ڏئي ٿي سا ڏهن سالن جي لڳاتار تجربي مان پڇي راس ٿي نڪتي آهي....

”اسان جي جدوجهد جي سڀ کان وڏي ڪاميابي اها ڪونهي ته ڪو اسين نهايت ڏکين حالتن ۾

پورچوگالي فوج جي خلاف وڙهي سوڀارا ٿيا آهيون، پر وڏي ڪاميابي هيءَ آهي ته لڙائيءَ جي دوران ئي اسان آزاد علائقن ۾ هڪ نئين زندگيءَ جو سياسي، معاشي، سماجي ۽ ثقافتي بنياد ڪڙو ڪرڻ شروع ڪيو هو.

”اسان جون دليون جيڪڏهن فخر سان ڀريل آهن ته پنهنجي ان وڌندڙ قومي جاڳرتا جي آڌار تي. پنهنجي ڌرتيءَ جي ڪري اها سجاڳي ۽ اهو اتحاد جنهن کي هاڻ ڪير به ڇيهو رسائي نه ٿو سگهي سو جنگ جي بٺيءَ مان پچي فولاد ٿي نڪتو آهي ۽ اسان کي فخر آهي پنهنجن مختلف ثقافتي ۽ نسلي گروهن جي همآهنگي، ترقي ۽ باهمي بقا تي، پنهنجي اسڪولن تي، اسپتالن صحت جي ٻين ادارن تي جيڪي پورچوگالي سامراجين جي بمن ۽ دهشت وارين ڪاروائين جي باوجود به ڪلي عام پنهنجون ذميواريون نڀائيندا رهيا. اسان کي فخر آهي عوامي منڊين تي جيڪي عوام جون گهرجون پوريون ڪري رهيون آهن. پنهنجي زرعي پيداوار تي جيڪا وڌڻ سان گڏ وڌيڪ بهتر ٿي ويئي آهي، پنهنجي ٻارن ۽ عورتن جي وقار تي، حسن تي، اُمنگ ۽ جذبي تي، جو عورتون ئي اسان جي آباديءَ جو سڀ کان وڌيڪ پڙهيل حصو هيون. اسان کي فخر ان ڳالهه تي آهي ته هاڻي بالغ ماڻهن کي پڙهڻ لکڻ سيکاريو ويو آهي، ڀرارڙيءَ جي انهن ماڻهن کي، جن کي سدائين دوائن ۽ اسپتالن کان دور رکيو ويو هو، تن کي هاڻ

دوائون ملي رهيون آهن. مٿين ۽ وچولي سطح جا چار سئو سنانوي حڪومتي ملازم تربيت حاصل ڪري چڪا آهن. يورپ جي دوست ملڪن جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ ٻين پيشه وارانه تعليمي ادارن ۾ اسان جا چار سئو پنجهانوي نوجوان زير تعليم آهن ۽ پندرهن هزار هڪ سئو چاونجهاهه پرائمري اسڪولن ۽ پنج رهائشي ۽ نيم رهائشي هاءِ اسڪولن ۾ ٻه سئو ايڪونجاهه استادن جي نگرانيءَ ۾ لکي پڙهي رهيا آهن ... عوام جي نه فقط هٿيار بند فوج آهي، بلڪه هڪ سڄي رياست آهي، جيڪا پارٽيءَ جي رهبريءَ ۾ ڏينهون ڏينهن مضبوط ۽ سگهاري ٿيندي پئي وڃي."

اها نئي وڏندڙ ۽ پکڙجندڙ عوامي رياست هئي، جنهن جو سياسي انقلاب ١٩٧٤ع ۾ پورو ٿيو.

هڪ ٻي ڳالهه جيڪا اهم آهي سا هي ته هن انقلاب جو دارومدار شروع کان ئي ڳني بساؤ جي عوام جي جدوجهد تي رهيو ۽ آخر تائين اهو بنيادي طرح ڳنيءَ جو قومي انقلاب ئي رهيو.

ڪئبرال، هڪ مطالعو:

آزاديءَ کانپوءِ ڳني بساؤ ڪيپ وردي پيٽن جي اڳواڻن ور ور ڪري انهيءَ ڳالهه کي پڌرو ڪيو ته سندن پاليسيون ايملڪار ڪئبرال جي نظرين تي ئي ٻڌل هونديون. نومبر ١٩٧٧ع ۾ ٿيل پارٽيءَ جي ٽين

ڪانگريس هڪ پيرو وري پارٽيءَ جي باني ۽ مڃيل اڳواڻ جي اصولن ۽ نظرين ۾ پنهنجي مڪمل اعتماد جو اظهار ڪيو.

گني بساؤ جي قومي آزاديءَ جي تحريڪ، ايستائين جو آفريقي معيار جي لحاظ کان به حد درجي جي پٺتي پيل حالتن کي منهن ڏنو. انهن حالتن ۾ ماڻهن کي تحرڪ ۾ آڻڻ ۾ ڪين مقصدن جي ڄاڻ ۽ جدوجهد جي طريقن سان هٿيار بند ڪرڻ جهڙي ڪم لاءِ، سياسي اڳواڻ تنظيم پاران نه رڳو گهري سوچ ۽ ويچار سان ڪم کي اڳتي وڌائڻ ضروري هو پر سندن لاءِ پاڻ ارپڻ، بي غرضي، پنهنجي تنظيم جي ماڻهن سان قربت ڪري ۽ سندن حياتي ۽ ٻين طريقن کان واقفيت. تنظيمي ۽ پروپيگنڊه جي ڪم ۾ مهارت ۽ قول ۽ عمل ۾ هڪجهڙائيءَ جهڙن عملن کي پورو ڪرڻ پڻ ضروري هو.

پارٽيءَ گهڻن معاملن ۾ پنهنجي ان ڪردار کي نهايت ڪاميابيءَ سان ۽ مانائتي نموني رڳو ڪئبرال جي ڏنل تنظيمي ۽ سياسي نظرين جي چٽائي، سياسي ڪم تي سندس ڌيان، سندس نظرين، سندس دورانديشيءَ واري صلاحيت، انقلابي عمل جي قانونن جي گهري تجزيي ۽ انهيءَ عمل کي متاثر ڪرڻ واري سندس صلاحيت ڪري ئي ادا ڪري سگهي. ڪئبرال جي لاءِ نظريو انقلابي ڪم جو هڪ اڻ ٽٽ حصو ۽ دنيا کي

چاڙهه ۽ ان کي ندلائڻ جو اهم ترين ذريعو آهي. هو اصولي طور قومي آزاديءَ واري تحريڪ جي سلسلي ۾ ڪنهن به اهڙي نظريي جي خلاف هو جيڪو عمل کان ڪٽيل ۽ خيالي هجي.

سٺ واري ڏهاڪي جي شروعات ۾ جڏهن هڪيهي پويان آفريقي ملڪ آزادي ماڻي رهيا هئا ١٩٦٠ع کي آفريقا جي آزاديءَ جو سال قرار ڏنو ويو هو ۽ پوري کنڊ جي آزاد ٿيڻ جا امڪان پهرين کان وڌيڪ صاف اچڻ لڳا هئا. ڪئبرال مارچ ١٩٦١ع ۾ قاهره ۾ ٿيل آفريقي ايشيائي عوام جي ٽين يڪجهتيءَ واري ڪانفرنس ۾ ڳالهائيندي چيو ته، ”اسان کي ايئن ٿو لڳي ته اهي واڌ جا نه پر اصولي طور شعور جا مسئلا آهن. گهٽن هنڌن تي آزاديءَ جي جدوجهد جو عمل ۽ آئيندي لاءِ امڪان نه رڳو نظرياتي بنيادن کان وانجهيل آهي، پر ٿوري گهڻي فرق سان حقيقت کان به ڪٽيل آهي. مقامي تجربي يا انهن ملڪن جي تجربي، جن قومي آزادي، قومي اتحاد ۽ آئيندي جي ترقي جهڙي مقصدن کي ماڻيو آهي، کي يا ته بلڪل وساريو ويو آهي يا اڃان تائين ان تي ڌيان نه ڏريو ويو آهي. ڪئبرال جي خيال ۾ سامراج دشمن جدوجهد جي ڪامياب واڌ لاءِ هر ملڪ ۽ پوري آفريقا جي معروضي حالتن جي صحيح چاڻ ٻين ملڪن جي تجربي ۽ انقلابي اصولن جي سائنسي سمجهاڻي نهايت ضروري آهن.

آفريقي آزاديءَ واري تحريڪ جي گھوٽالي جو مکيه سبب ڪيس انهيءَ حقيقت ۾ نظر آيو ته گھڻن ملڪن ۾ انقلابي واٽ ونڻ بدران عوام جي اميدن کي دوکي ڏيڻ لاءِ آزاديءَ جو رڳو اهڙو مبهم ۽ اڻ چٽو تصور ڏنو ويو آهي، جنهن جو مقصد ئي نئين بيٺڪي ڦرمار جي طريقن تي پردو وجهڻ ۽ کين لڪائڻ آهي. ڪئبرال جو آدرش قومي آزاديءَ واري تحريڪ کي اهڙي انقلاب جو روپ ڏيڻو هو جيڪو سامراجي ڏاڍ جي خاتمي آڻڻ سان گڏوگڏ مقامي طور تي پيدا ٿيل اڻ برابري ۽ ڦرمار کي ختم ڪري سگھجي.

بيٺڪيت ۽ سامراجيت جي نوعيت سمجھائيندي ڪئبرال سٺ ۽ ستر وارن ڏهاڪن جي سامراج دشمن تحريڪن جي بهترين نمائندن وانگر آفريقي تجربي کان ئي پنهنجي ڪم جي شروعات ڪئي. هن بيٺڪيت کي رڳو حاڪم قوم جي سياسي غلامي تائين محدود نه ٿي سمجھيو ۽ انهيءَ ڪري يقيني طور هن اهڙي ڪنهن به ڳالهه جي سفارش نه ڪئي ته رڳو غلامي جي رسمي نشانن جي خاتمي ۽ خود اختياريءَ جي نمائشي نشانن حاصل ڪرڻ سان بيٺڪيت ماضيءَ جي ڳالهه بڻجي ويندي. لينن جي، سرمائيداريءَ جي آخري ڏاڪي سامراجيت واري نظريي کي ڪئبرال ۽ پنهن حقيقي آزاديءَ جي وڙهندڙن پاران پوريءَ ريت ڏيان ۾ رکيو ويو. ڪئبرال جي نظر ۾ بيٺڪيت، رياستي هڪ هٿي

سرمائيدارانه پاليسين ۾ گهڻ قومي هڪ هٿين جي گهٽي ۾ پڪي نفعي جي خواهشن جي ڪري سرمائيداريءَ جو هڪ لازمي نتيجو آهي. انهيءَ ڪري ڳالهه هن ريت بلڪل چٽي ٿي سامهون اچي ٿي ته جيستائين سرمائيدارانه معاشي نظام برقرار رهندو، پٺتي پيل ملڪن ۾ سندس ڦهلاءُ جاري رهندو ته تبديلي رڳو ڦرمار جي شڪلن ۾ ٿيندي ۽ ترقي ڪيل سرمائيدار ملڪ روايتي بينڪيت مان ڦري نئين بينڪيت کي اختيار ڪندا.

ڪئبرال نئين بينڪيت جي ڦرمار جي طريقن جي مطالعي ۾ چڱو چوکو واڌارو ڪيو آهي. هن انهيءَ تي زور ڏنو ته نون حالتن تحت سامراجي حڪمت عملي اها آهي ته اڳوڻين بينڪن ڏانهن "امداد" واري پاليسي اختيار ڪئي وڃي. اها امداد "انقلاب" کي روڪ ڏيڻ لاءِ هڪ ڪوڙي ۽ نالي ماتر بورجوازيءَ کي پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڏيڻ سان گڏوگڏ انقلاب جي امڪانن کي ختم ڪرڻ لاءِ پيٽي بورجوازيءَ لاءِ وسيع امڪان پڻ پيدا ڪري ٿي." ٻين لفظن ۾ هڪ اهڙي دور ۾ جڏهن سڌي سنئين حاڪميت ناممڪن ٿيندي پئي وڃي. سامراج جو مقصد انقلاب جي مقابلي ۾ اهڙي مقامي ڦرمار ڪندڙ عنصر جي همت افزائي ڪري ڪيس اقتدار ۾ آڻڻ آهي جيڪي قومي مصلحت پسنديءَ جي پاليسيءَ اختيار ڪري ۽ بين الاقوامي موڙيءَ سان ٺهڪي هلي. انهيءَ سبب ڪري ئي ڪئبرال نو آباديات مخالف تحريڪ

قومي پيداواري قوتن جي سڌي يا اڻ سڌي ڦرمار مان چوڪاري جي صورت ۾ ٿي ڏسندو هو. هن خاص طور تي انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو ته، ”قومي آزاديءَ واري جدوجهد جو مکيه پاسو نئين بينڪيت خلاف جدوجهد ڪرڻ آهي“.

ڪئبرال پنهنجي ملڪ جي سماجي حالتن کي نظر ۾ رکندي انهي ڳالهه کي مناسب سمجهيو ته سوشلزم جو لفظ ڪتب نه آندو وڃي. پر هن انهيءَ ڳالهه کي تسليم ڪيو هو ته، گني جي انقلاب جا مقصد اهي ساڳيائي آهن جيڪي ترقي ڪيل ملڪن ۾ پورهيت طبقي جي اڳواڻ سياسي تنظيم جا هوندا آهن. هن پنهنجن نظرين جو بنياد ايشيا ۽ آفريڪا جي وڏيڪ ترقي يافته ماڻهن ۽ سندن چڱي سوشلسٽ زندگيءَ جي طريقن تي رکڻ بدران جيئن اڳوڻين بينڪن ۾ عام هو پنهنجي تاريخ جي سائنسي مطالعي تي رکيو. ڪيس تاريخي ماديت جي انهي نظريي ۾ يقين هو ته انسان ذات، ابتدائي برادري واري نظام کان غلامي جاگيرداري ۽ سرمائيداري وارن دورن مان لنگهي سوشلزم ۽ پوءِ ڪميونزم ۾ داخل ٿيندي. هو انهيءَ مارڪسي نتيجي سان پڻ متفق هو ته اسان جي دؤر ۾ عام طور ٿيل سماجي ترقي پنهنجي پيل ملڪن جي ماڻهن کي سرمايه داري دور کي در گذر ڪرڻ جو انوکو موقعو پڻ مهيا ڪري ٿي. ڪئبرال جي نظر ۾ جديد ٽيڪنالاجي جي فطرت

کي تسخير ڪرڻ واري قوت ۽ سوشلسٽ ملڪن جو وجود ۾ اچڻ دنيا جي نقشي ۽ تاريخي عمل ۾ بنيادي تبديليون آنديون آهن. اهي اهڙا ٻه عنصر آهن جن پٺتي پيل ملڪن جي ماڻهن لاءِ انهيءَ ڳالهه کي ممڪن بڻايو آهي ته هو سرمايه داري جي ترقي ڪيل مرحلي کي درگذر ڪري سگهن.

ڪئبرال کي انهي ڳالهه ۾ ڪوبه شڪ نه هو ته نه رڳو گني بساڈو ڪيپ وردي جو عوام بلڪه پوري آفريڪا جي عوام لاءِ سوشلزم اختيار ڪرڻ بنا ترقي، آزادي ۽ خوشحالي جو ڪوبه امڪان ڪونهي. آخري تجزئي ۾ ڪئبرال جي سڄي نظرياتي ۽ عملي ڪم جو مقصد پنهنجي ملڪ جي سوشلزم لاءِ گهربل معاشي، سياسي، سماجي، مادي ۽ روحاني شرط جي ڪوٽ کي نظر ۾ رکندي نوآباديت دشمن ۽ سامراج دشمن جدوجهد کي سماجي انقلاب ۾ بدلائڻو هو. نظرياتي لحاظ کان اهو سندس تمام وڏو ڪم هو. هن اڳوڻين نوآبادين جي ترقيءَ جي ڏار حيثيت کي سمجهيو ته ۽ ڪيس اها چاڻ هئي ته سوشلسٽ آدرش ۾ اعتماد کي انقلاب جي عبوري مرحلن جي ضرورت جي چاڻ سان ڪيئن ڳنڍجي ۽ سندن اهڙي نمونـي رٿابندي ڪجي جيئن بجاءِ رڪاوٽ بنجڻ جي آهي منزل جي حصول جو ذريعو بنجي پون.

ڪئبرال کي انهن مسئلن جي ڪنجي پنهنجي

تاريخي قانونن ۽ آفريڪا، خاص طور تي گني بسائو ڪئمپ وردي جي خاص حالتن جي گهري ڇاڻ ڪري ئي ملي سگهي.

هن پنهي ملڪن جي سماجي ڍانچي جو بلڪل صحيح سائنسي سياسي تجزيو ڪيو. هو پورچوگيز بينڪيت ۽ سامراج خلاف جدوجهد ۾ گني بسائو ۽ ڪئمپ وردي جي سڀني محب وطن قوتن کي هڪ هنڌ گڏ ڪرڻ جي ضرورت ۾ پڪو يقين رکندو هو. طبقن جي وچ ۾ تمام ڪمزور ۽ غير واضح حد بندي هئڻ ڪري سندس خيال ۾ قومي قوتن جي انهي اتحاد سڀني سماجي پرتن ۽ گهٽي پاڳي پنهي ملڪن جي سڄي آباديءَ کي پاڻ سان گڏي ڇڏيو آهي. انهيءَ ڪري پارٽي جو اهو نعرو هوندو هو ته **"اتحاد ۽ جدوجهد"**. ساڳي وقت ڪئبرال انهي ڳالهه کي به ضروري سمجهندو هو ته سڀني گروهن جي معاشي حيثيت جو تمام گهرو مطالعو ڪري انهي ڳالهه کي نظر ۾ رکندي ته انقلاب جي مختلف مرحلن ۾ سندن ڪردار هڪجهڙو نه رهندو. سندن سياسي ڪردار کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي وڃي. معاشي بنياد، مادي پيداوار ۾ متعين حيثيت ۽ انقلابي عمل جي واڌ جيڪا پن مرحلن يعني آزادي لاءِ جدوجهد ۽ قرمار جي خاتمي مان گذري تي اهڙا بـه مکيه ۽ اهم عنصر آهن جيڪي مختلف سماجي پرتن ڏانهن ڪئبرال جي رويي جو تعين ڪن ٿا.

سنڌس تجزئي ۾ خاص دلچسپي جو نڪتو پنهنجي پيل نوآبادين ۽ محتاج ملڪن جي سماجي ڍانچي جي خاصيتن ۽ انقلابي حڪمت عملي متعلق پيش ڪيل خيال آهن. هن آزاد ٿيل ملڪن ۾ رائج ڪيترن ئي اهڙن نظرين کي رد ڪري ڇڏيو جيڪي قومي خاصيتن کي اجايو وڌائي پيش ڪرڻ ڪري اُتي مقبول ٿيا هئا ۽ بنيادي طور تي آها راهه اختيار ڪيائين جيڪا سائنسي سوشلزم سان بلڪل نه ٺهڪندڙ هئي.

اها ڳالهه خاص طور اسان کي سنڌس هاري ۽ مزدور طبقي جي انقلابي ڪردار متعلق پيش ڪيل خيالن ۾ نظر اچي ٿي. ڪئبرال فرانز فينن جي انهي خيال کي قبول نه ٿي ڪيو ته هاري نوآبادياتي دنيا جي مک انقلابي قوت آهن. هن انقلابي ۽ مقداري طاقت کي هڪ ڪري پيش ڪرڻ بجاءِ انهن ۾ موجود فرق کي وڌيڪ چٽي ڪرڻ تي زور ڏنو. ڪئبرال ٻئي ڪنهن کان بهتر طور انهي ڳالهه کي سمجهيو ٿي ته هاري نوآبادگارن خلاف هٿياربند جدوجهد جو هڪ اهم جز آهن ۽ ڪين جدوجهد ۾ آڻڻ کانسواءِ نوآباديت جي خاتمي جي ڪا اميد نه ٿي رکي سگهجي. پر هن فينن وانگر هارين کي آدرشي نمونې پيش نه ڪيو. هن کي اها ڳالهه نظر آئي پئي ته سندن پنهنجي پيل حالت قومي ۽ سماجي سياسي شعور جي ڦهلجڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي رهي آهي. ڪيس انهي ڳالهه جي به ڄاڻ هئي ته

ڪنهن ڪنهن وقت هارين کي عمل لاءِ تيار ڪرڻ ڪيترو نه ڏکيو هوندو آهي.

ڪئبرال انهيءَ ڳالهه جو قائل هو ته هارين جي حيثيت سندن پوري ريت انقلابي امڪانن کي سمجهڻ ۾ رڪاوٽ بڻجي ٿي ۽ کين انقلابي بنائڻ لاءِ اهڙن شهري ماڻهن جي ضرورت هوندي آهي، جيڪي ترقي پسند نظريي سان هٿياربند هجن. ڪئبرال فينن جي انهيءَ چوڻ کي ته هاري مک انقلابي قوت يا نوآبادياتي پرولتاري آهن، پنهنجي ملڪ لاءِ صحيح نه سمجهندو هو. اهو نتيجو ننا ڪنهن شڪ جي عملي اهميت رکندڙ هو. اهو وڏيڪ وزندار ۽ تمثيلي انهي ڪري آهي جو اهو هڪ اهڙي انقلابي نظريه دان ۽ عملي انسان پاران پيش ڪيو ويو آهي جنهن جو واسطو هڪ مڪمل هاري ملڪ سان هو ۽ سندس نظرين کي آزادي واري تحريڪ جي ڪاميابين صحيح ثابت ڪري ڏيکاريو هو.

هاري آدرشيت کي رد ڪرڻ سان گڏوگڏ ڪئبرال هن سان لاڳاپيل فينن جي نئين پيدا ٿيندڙ پرولتاريه متعلق انهي نهڪاري خيال کي پڻ رد ٿو ڪري ته هو نئو آبادياتي نظام سان لاڳاپيل ۽ ان مان فائدو وٺندڙ آهي. فينن نوآبادياتي پرولتاريه جي ڪمزوري جو اعلان ڪندي کيس هڪ انقلابي قوت جي حيثيت سان بلڪل رد نه ٿو ڪري ڇڏي. ڪئبرال پرولتاريه جي خاص تاريخي مشن کي نظر ۾ رکندي سندس شعوري

سطح ڪي وڌائڻ جي تجويز پيش ڪئي، هن چيو، ”اهو مزدور طبقو، پوءِ پلي سنڌس شعوري سطح ڪيتري به هجي (جيڪا گهٽ ۾ گهٽ پنهنجي ضرورتن ڪان واقفيت جي تي سگهي ٿي) نئين نو آبادياتي دور ۾ قومي آزادي واري جدوجهد جي حقيقي عوامي اڳواڻ دستي جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.“ ساڳئي وقت هن مزدور طبقي کي ڦرمار جي شڪار ٻين پرتن يعني هاري ۽ قوم پرست پيٽي بورجوازي سان پنهنجي اتحاد کي مضبوط ڪرڻ لاءِ پڻ زور ڀريو.

پرولتاريه جي ڪمزوريءَ کي ڏسندي پوئين طبقي کي خاص ذميواري ڪٽڻي پوندي آهي. ڪئبرال جي چوائي اهو پرولتاريه جي تجربي ۽ انقلابي سرگرمي جي کوٽ کي پورو ڪري پاڻ تي ”آدرشي پرولتاري“ جي ذميواري کڻي سگهي ٿو. هن سمجهيو ٿي ته پيٽي بورجوازيءَ جو انقلابي حصو، جڏهن ته باقي گهڻو ڪري مصلحت پسند ۽ ڊانوا ڊول هوندا آهن، انهيءَ ڪردار ادا ڪرڻ جو اهل هوندو آهي ته پنهنجي مفادن کي پورهيتن ۽ هارين جي مفادن سان گڏي سگهي. پر هن سنڌس بورجوا ٿيڻ واري فطري لاڙي کي نظرانداز نه ڪيو ۽ انهيءَ ڳالهه کي پوري طور تي محسوس ڪيو ته پيٽي بورجوازي انقلابين جي سوشلزم ڏانهن ويندڙ وات ڪيتري نه ڏکي ۽ ٽڪرائن سان ڀرپور آهي. انهيءَ مرحلي تي ٻئي ڪتهن متبادل کي نه

ڏسندي ڪئبرال اها ڳالهہ سمجهي ٿي تہ ”پيٽي بورجوازي واري اڳواڻيءَ جا اها اڻ ٽر حيثيت اسان جي صورتحال ۾ قومي آزادي جي ڪمزورين مان هڪ آهي.“

انهيءَ گهٽتائي ۾ عام طور سماجي ترقي لاءِ گهربل سماجي، معاشي ۽ سياسي عنصرن جي کوٽ کي ڪئبرال جي خيال ۾ نظرياتي، سياسي ۽ تنظيمي ڪم ڪري وڌائي پورو ڪري سگهجي ٿو. انهيءَ ڪم تي سندس توجهہ پارٽي جي اڳواڻ جي حيثيت ۾ ڪئبرال جي سرگرمين جي هڪ امتيازي خاصيت آهي. هن لاڳيتو قومي آزادي جي سلسلي ۾ ڪيل ڪم جن ۾ خاص طور هٿياربند جدوجهد شامل آهي، جي سياسي نوعيت تي زور ڏنو. فوجي سرگرمين کي چٽي ريت بيان ڪيل ڊگهي مدي وارن مقصدن ۽ نظرياتي ۽ سياسي تيارين سان ڳنڍڻ جي ڪري ئي ڪئمپ وردي ۽ گني بسائو جي محب وطنن جي ڪاميابي يقيني ٿي ۽ سندن لاءِ اهو ممڪن ٿيو تہ پنهي ملڪن ۾ سماجي ترقي جا بنياد رکي سگهن.

ڪئبرال ڪڏهن بہ پاڻ کي سائنسي سوشلزم يا مارڪسزم ۽ ليننزم جو حامي نہ سڏيو. پر سوشلزم جي آدرشن سان پيار ۽ وفاداري لاءِ هميشه اعلانن جي ضرورت نہ پوندي آهي. هن پنهنجي نظرياتي ۽ عملي ڪم لاءِ سائنسي سوشلزم جي اصولن کان ئي رهنمائي حاصل ڪئي ۽ سندس پنهنجي ماڻهن جي خوشي لاءِ

ڪيل ڪم بنا ڪنهن شڪ جي مارڪسزم ۽ ليننزم جي عين مطابقت ۾ آهي. سندس لفظن ۾:

”ڪير مارڪسٽ هجي يا نہ، ليننسٽ هجي يا نہ . پر سندس لاءِ لينن جي تجزئي ۽ ڪيل نتيجن جي سچائي ڪي، ذهانت کي مڃڻ کان انڪار ڪرڻ ممڪن ناهي. سندن تاريخي اهميت انهي ڪري بلڪل پڌري آهي تہ اُهي حياتي بخشيندڙ روشني وسيلي انهن ماڻهن جي ڪنڌن سان پريل واٽ کي روشن ٿا ڪن جيڪي سامراجي غلاميءَ کان مڪمل ڇوٽڪاري لاءِ وڙهي رهيا آهن.“

ايملڪار ڪئبرال جي زندگي ۽ ڪيل ڪم قومي آزادي واري تحريڪ تي سوشلزم جي مفيد اثرن جو بهترين نمونو آهي. اهي اسان کي ٻڌائين ٿا تہ آئيندو ايشيا ، آفريڪا ۽ لئٽن آمريڪا جي عوام ۾ سندن انهن سپوتن جو آهي، جن ايمانداري ۽ مستقل مزاجيءَ سان قومي آزادي واري تحريڪ ۽ سوشلزم کي ڳنڍڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

سچائي اشاعت گهر جا شايع ٿيل ڪتاب

ڪتاب	ليکڪ	قيمت
١- هوشوءَ سنڌي هام	مرتب: يوسف سنڌي	(ختم ٿيل)
٢- جي هاڻ نه هارين	٣٠ مختلف ليکڪ	" "
٣- تنهنجا تير تفنگ	مرتب: رجب علي ميمڻ	" "
٤- بک، عشق ۽ آزادي	يوسف سنڌي	" "
٥- منهنجي زندگي ۽ جدوجهد (غفار خان جي آتم ڪهاڻي)	مترجم: يوسف سنڌي	" "
٦- سرمد ڇا ٿو سوچي؟	غلام حسين رنگريز	" "
٧- پراڻو ڳوٺ، نئون ڳوٺ	مترجم: پرويز	" "
٨- جي هيڏڙي منجهه هُرن	ڪلا پرڪاش	٢٠-٠٠
٩- جڏهن آدم آيو	گرداس وڏواڻي	١٥-٠٠
١٠- سج ڏکڻ مان ٿو اڀري	ڪرشنچندر/ سراج	١٥-٠٠
١١- فلسطين، آزاديءَ جي جدوجهد	پرويز	٥-٠٠
١٢- جن جهونا ڳڙهه جلايو	رسول بخش پليجو	١٢-٠٠
١٣- نيٺر منهنجو نينهن (جيل جي ڊائري)	اعجاز علي خواجه	٣٠-٠٠
١٤- سنڌ پاڪستان ڪانپوءِ	يوسف سنڌي	١٦-٠٠
١٥- سي سپ سانڊيم ساهه سين	موتي پرڪاش	٣٥-٠٠
١٦- ادب ۽ فن جي اهميت	رسول بخش پليجو	١٢-٠٠
١٧- ڳني بسائو ڪيئن آزاد ٿيو؟	يوسف سنڌي	٩-٠٠

ايندڙ ڪتاب

ڪتاب	ليکڪ
١- رت جا ڦڙا	پرويز

سچائي اشاعت گهر جا هيٺيان ڪتاب
اوهانجي پڙهڻ وٽان آهن.

١- سي سپ سانڊيم ساه سين
ليکڪ : موتي پرڪاش

ملهه : ٣٥-٠ روپيا

٢- جي هينئڙي منجهه هرن
ليکڪ : ڪلا پرڪاش

ملهه : ٢٠-٠ روپيا

٣- جڏهن آدم آيو
ليکڪ : گرداس واڌوائي

ملهه : ١٥-٠ روپيا

پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندَڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، چُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاري تحريڪ جي رستي تي آڻڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعويٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾ پَنَ ڪا خُصوصي ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَٻِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَ پاران ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيٽائِيز ڪرڻ کان پوءِ ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَ سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٽاندڙ وڏِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران کَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جٺن جٺن جاڙ وڏي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٺين، جيڪي بہ ڪٺين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اٽڃاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اٽڃاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ ”منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)